جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC
CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 16 | آچر 17 مئي 2026ع بمطابق 29ذوالقعد 1447هه | قيمت: 20 | شمارو221

آءِ ايم ايف پاڪستان تي گئس ۽ بجلي جي اگهن ۾ مسلسل واڌ سميت 11 نوان شرط لاڳو ڪري ڇڏيا

آءِ ايم ايف ايندڙ مالي سال لاءِ ايف بي آر جو ٽيڪس هدف 15 هزار 267 ارب رپيا مقرر ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي، جنهن تحت ايندڙ مالي سال 430 ارب رپين جا واڌو ٽيڪس لڳائڻ جو به امڪان آهي

جن مان 215 ارب رپين جا نوان ٽيڪس ۽ 115 ارب رپيا ٽيڪس انفورسمينٽ ذريعي گڏ ڪيا ويندا مالي سال پيٽروليم ليوي جي مد ۾ عوام کان 1727 ارب رپيا اوڳاڙڻ جو امڪان آهي

ٽرانسفر پروگرام (ڪفالت پروگرام) جي سسٽم کي برقرار رکڻ، ڪرنسي اسڪچينج جي هوريان هوريان خودمختاري لاءِ روڊ ميپ جي تياري ۽ ريگيوليٽري شفافيت ۾ واڌ جهڙيون اهم شرطون پڻ شامل آهن

اسپيشل اڪنامڪ زونز جي 2035 تائين مراعتن جو مڪمل خاتمو ۽ وفاقي حڪومت توڙي اسلام آباد لاءِ ڪاروبار جي ريگيوليشن لاءِ پاڪستان ريگيوليٽري رجسٽري جو قيام به شامل آهي

ايف بي آر جو ٽيڪس هدف 15 هزار 267 ارب رپيا مقرر ڪرڻ جي تجويز به ڏني آهي، جنهن تحت ايندڙ مالي سال 430 ارب رپين جا واڌو ٽيڪس لڳائڻ جو به امڪان آهي

جن مان 215 ارب رپين جا نوان ٽيڪس ۽ 115 ارب رپيا ٽيڪس انفورسمينٽ ذريعي گڏ ڪيا ويندا مالي سال پيٽروليم ليوي جي مد ۾ عوام کان 1727 ارب رپيا اوڳاڙڻ جو امڪان آهي

اسلام آباد(بيورو) عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) پاڪستان تي گئس ۽ بجلي جي اگهن ۾ مسلسل واڌ ڪرڻ، نيب جي خودمختاري ۽ شفافيت ۾ واڌ سميت 11 نوان شرطون لاڳو ڪري ڇڏيا آهن. آءِ ايم ايف ايندڙ مالي سال لاءِ ايف بي آر جو ٽيڪس هدف 15 هزار 267 ارب رپيا مقرر ڪرڻ جي تجويز به ڏني آهي، جنهن تحت ايندڙ مالي سال 430 ارب رپين جا واڌو ٽيڪس لڳائڻ جو به امڪان آه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

پرامن، روادار ۽ متحد معاشري جي قيام لاءِ عملي قدمن لاءِ پرعزم آهيون: وزيراعظم

پرامن، روادار ۽ متحد معاشري جي قيام لاءِ عملي قدمن لاءِ پرعزم آهيون جتي هر شهري بنا ڪنهن فرق رنگ ۽ نسل ۽ مذهب جي باوقار زندگي گذاري سگهي

پاڪستان عالمي برادري سان هڪ آواز بڻجي پرامن ڪٽنب جي زندگي گذارڻ جو ڏينهن ملهائي رهيو آهي هي ڏينهن ملڪي ۽ عالمي سطح تي هڪ پرامن، هم آهنگ ۽ متحد معاشري جي تعمير جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو

ملڪي سطح تي اهڙو سماجي ماحول جوڙڻ جيڪو امن کي هٿي وٺرائڻ جو سبب بڻجي بيشڪ اسان جي بصيرت افروز قومي وارثت ۽ آئيني ذميواري آهي

قائداعظم محمد علي جناح قومي ترجيحن جي نشاندهي ڪندي واضح ڪيو هو ته قوم جي حيثيت سان اسان قومي ۽ عالمي معاملن ۾ ديانتداري ۽ منصفاڻي طرز عمل جي اصولن تي يقين رکون

ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ امن ۽ خوشحالي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پنهنجون ڀرپور خدمتون انجام ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. اهي اصول اسان جي فخر جوڳي قومي سڃاڻپ آهي

وڌيڪ هم آهنگ ۽ متحد قومي ۽ عالمي معاشري جي قيام طرف اسان جي جدوجهد جو بنياد پڻ آهي پاڪستان حڪومت پرامن، روادار ۽ متحد معاشري جي قيام لاءِ عملي قدمن لاءِ پرعزم آهي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته پرامن، روادار ۽ متحد معاشري جي قيام لاءِ عملي قدمن لاءِ پرعزم آهيون جتي هر شهري بنا ڪنهن فرق رنگ ۽ نسل ۽ مذهب جي باوقار زندگي گذاري سگهي. ڪٽنب جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته پاڪستان عالمي برادري سان هڪ آواز بڻجي پرامن ڪٽنب جي زندگي گذارڻ جو ڏينہ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: گهرو وزير محسن نقوي اجلاس جي صدارت ڪندي

وزيراعظم جي ميٽرڪ ٽيڪ انيشيئٽو جي داخلائن ۾ اضافو

اسلام آباد (بيورو) تعليم ۽ پيشوراڻي سکيا جي وفاقي وزارت تحت شروع ڪيل وزيراعظم جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

ٽرمپ جي دوري کان پوءِ چين ايران معاملي کان پوئتي هٽڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي: آمريڪي سفير جي دعويٰ

چين ايران جي ايٽمي هٿيار نه ناهڻ ۽ آبنائي هرمز تي ٽول ٽيڪس نه لڳائڻ تي اتفاق ڪري ورتو

صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي بيجنگ جي دوري کان پوءِ چين ايران کان پوئتي هٽڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي

نيويارڪ (م د) گڏيل قومن ۾ آمريڪي سفير مائيڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

سون مسلسل ٻئي ڏينهن به سوين رپيا سهانگو ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ مسلسل ٻئي ڏينهن به لاٿ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. آل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

طلاق جي شرح ۾ واڌ، روزانو 300 کان وڌيڪ ڪيس داخل ٿيڻ لڳا

منشيات ۽ بيروزگاري جي ڪري طلاق ۽ خلع جو رجحان وڌي رهيو آهي

فيملي ڪورٽن ۾ ڪيسن جو انگ تيزي سان وڌي رهيو آهي

اسلام آباد(بيورو) وفاقي راڄڌاني ۾ طلاق جي شرح ۾ خطرناڪ حد تائين واڌ جو انڪشاف ٿيو آهي. وڪيلن جو چوڻ آهي ته منشيات ۽ بيروزگ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

مولانا فضل الرحمان ۽ جي ڊي اي اڳواڻن جي ملاقات، سنڌ جي موجودا سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ

جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان ڪراچي ۾ جي ڊي اي اڳواڻ غلام مرتضيٰ جتوئي جي رهائشگاهه تي پهتو

جتي سيد راشد شاهه، معظم عباسي، حسنين مرزا، مسرور جتوئي، راشد محمود سومرو ۽ ٻيا سياسي اڳواڻ پڻ موجود هئا

ملاقات دوران اڳواڻن وچ ۾ سنڌ جي موجوده سياسي صورتحال سميت گڏيل دلچسپي وارن مختلف معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ڪراچي (ويب ڊيسڪ) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان اڳوٽي وفاقي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

ملڪ ۾ مهانگائي جي شرح ايندڙ وقت ۾ وڌي تقريبن 7 سيڪڙو تائين پهچي سگهي ٿي: گورنر جميل

پر ايندڙ سال جي ٻئي ٽماهي ۾ انهي ۾ گهٽتائي اچڻ شروع ٿي ويندي. اسٽيٽ بينڪ جي گورنر جميل احمد ڪراچي چيمبر ۾ تقريب کي خطاب

هلندڙ مالي سال جي پهرين 9 مهينن جي دوران ملڪي معيشت ۾ 3.7 سيڪڙو شرح واڌ رڪارڊ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بينڪ جي گورنر چيو آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

اسلام آباد: وفاقي وزير احد چيما اجلاس جي صدارت ڪندي

پاڪستان کي قطر کان ٻيو ايل اين جي ڪارگو ملي ويو

سپلاءِ ۾ خلل جي وچ ۾ وڌندڙ بجلي جي کوٽ کي روڪڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان کي جمعي ڏينهن ٽن ڏينهن ۾ قطر کان ايل اين جي جو ٻيو ڪارگو مليو. تفصيلن موجب، حڪومت آمريڪا ۽ اسرائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

داتا دربار پاڪستان جي روحاني عظمت ۽ تهذيبي ورثي جي روشن علامت آهي: نائب وزيراعظم

اجلاس ۾ سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو نبيل جاويد ۽ ٻين لاڳاپيل اعليٰ اختيارين شرڪت ڪئي

داتا دربار پاڪستان جي روحاني عظمت ۽ تهذيبي ورثي جي روشن علامت آهي. هن اجلاس دوران غسل پروگرام جي پڻ منظوري ڏني

لاهور (م د) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ داتا دربار ۾ جاري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

لاهور: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار داتا گنج بخش جي مزار جو دورو ڪندي

فلسطيني عوام لاءِ نڪبہ صرف تاريخ جو هڪ بند باب نه پر هڪ مسلسل حقيقت آهي: آصف علي زرداري

پاڪستان جي عوام فلسطيني عوام جي خودمختياري، آزادي ۽ وقار جي حق لاءِ منصفاڻي جدوجهد سان پنهنجي اٽوٽ يڪجهتي جو وچن ورجائي ٿي

هي ڏينهن 1948ع جي المناڪ واقعن جي ياد ڏياري ٿو جنهن جي نتيجي ۾ لکين فلسطيني پنهنجن گهرن ۽ زمينن تان بي گهر ٿيا ۽ انهن کي ڏکي تڪليف ۽ مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پيو

فلسطيني عوام لاءِ نڪبہ صرف تاريخ جو هڪ بند باب نه آهي پر هڪ مسلسل حقيقت آهي، جيڪا قبضي، بي گهر ڪرڻ، محرومي ۽ بنيادي حقن کان انڪار جي صورت ۾ اڄ به جاري آهي

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته پاڪستان جي عوام فلسطيني عوام جي خودمختياري، آزادي ۽ وقار جي حق لاءِ منصفاڻي جدوجهد سان پنهنجي اٽوٽ يڪجهتي جو وچن ورجائي ٿي. هي ڏينهن 1948ع جي المناڪ واقعن جي ياد ڏياري ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ لکين فلسطيني پنهنجن گهرن ۽ زمينن تان بي گهر /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

وفاقي گهرو وزير، مملڪتي گهرو وزير سان ميجر جنرل مجدي هلال جي قيادت ۾ مصر جي گهرو وزارت جي وفد جي ملاقات

وفد ۾ برگيڊيئر عصام ابوالخير، برگيڊيئر انجنيئر محمد راضي ۽ برگيڊيئر محمد منير شامل هئا

سائبر ڪرائم ۽ سيف سٽي جي شعبن ۾ شراڪت کي هٿي ڏيڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

نيشنل پوليس اڪيڊمي ۽ مصر جي پوليس اڪيڊمي وچ ۾ آفيسرن جي گڏيل ٽريننگ لاءِ سهڪار وڌائڻ جو به فيصلو ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ مملڪتي گهرو وزير طلال چوڌري سان ميجر جنرل مجدي هلال جي قيادت ۾ مصر جي گهرو وزارت جي وفد ملاقات ڪئي آهي. وفد ۾ برگيڊيئر عصام ابوالخير، برگيڊيئر انجنيئر محمد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر4

لاهور: شاگردياڻيون نمائش ڏسي رهيون آهن

آمريڪي فوجي حملن خلاف اخلاقي ۽ منصفاڻو موقف اختيار ڪرڻ تي پوپ ليو جا ٿورائتا آهيون: ايراني صدر

ايراني صدر مسعود پزشڪيان تازوئي آمريڪي فوجي حملن خلاف موقف اختيار ڪرڻ تي پوپ ليو جو شڪريو ادا ڪيو

پوپ ليو آمريڪي حملن خلاف اخلاقي، منطقي ۽ منصفاڻو موقف اختيار ڪيو. ايراني صدر

اهي حملا ان وقت ڪيا ويا جڏهن تهران ۽ واشنگٽن وچ ۾ ڳالهيون هلي رهيون هيون

تهران (م د) ايراني صدر مسعود پزشڪيان آمريڪي فوجي حملن خلاف موقف اختيار ڪرڻ تي پوپ ليو جا ٿورا مڃيا آهن. ايراني صدر مسعود پزشڪيان تازوئي آمريڪي فوجي حملن خلاف موقف اختيار ڪرڻ تي پوپ ليو جو شڪري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

سعودي عرب جي گهرو وزارت حج پانڌيئڙن جي سهولت لاءِ هدايت جاري ڪري ڇڏي

ضيوف الرحمان (الله جي مهمانن) جي آرام ۽ تحفظ لاءِ جاري ڪيل اهم هدايتن جو مقصد سندن سفر کي آسان ۽ جامع بڻائڻ آهي

آرام ۽ سڪون سان پنهنجو فرض ادا ڪري سگهن. وزارت پاران جاري ڪيل هدايتن ۾ حرم شريف جي مختلف هنڌن جي وضاحت ڪئي وئي

مسجد الحرام ۾ ڪهڙن رستن مان داخل ٿين، انهن ٽريڪس بابت به وضاحت ڪئي وئي آهي

رياض (م د) سعودي عرب جي گهرو وزارت حج 2026ع جي حوالي سان حج پانڌيئڙن جي سهولت ۽ رهنمائي لاءِ اهم نڪتن تي ٻڌل گائيڊ جاري ڪئي آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق گهرو وزارت جو چوڻ آهي ته ضيوف الرحمان (الله جي مهمانن) جي آرام ۽ تحفظ لاءِ جاري ڪيل اهم هدايتن جو مقصد سندن سفر کي آسان ۽ جامع بڻائڻ آهي ته جيئن هو ضابطن مطابق آرام ۽ سڪون /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

حڪومت پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ لاٿ کان پوءِ گاسليٽ به سستو ڪري ڇڏيو، نوٽيفڪيشن جاري

پيٽرول جي قيمت ۾ في ليٽر 5 روپيه گهٽتائي ڪئي وئي آهي جنهن کان پوءِ پيٽرول جي نئين قيمت 409 روپيه 78 پئسا في ليٽر ٿي وئي

ڊيزل جي قيمت ۾ به 5 روپيه في ليٽر گهٽتائي ڪئي وئي آهي جنهن کان پوءِ ڊيزل جي نئين قيمت 409 روپيه 58 پئسا في ليٽر ٿي وئي

ڊيزل تي ليوي ۾ 9 روپيه 40 پئسا في ليٽر اضافو ڪيو ويو آهي جنهن کان پوءِ ڊيزل تي 52 روپيه في ليٽر ليوي لاڳو ڪئي وئي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي سرڪار پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو اعلان ڪرڻ سان گڏوگڏ گاسليٽ به سستو ڪري ڇڏيو آهي. پيٽروليم ڊويزن موجب پيٽرول جي قيمت ۾ في ليٽر 5 روپيه گهٽتائي ڪئي وئي آهي جنهن کان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر27

ڪرنٽ سبب فوتي ڪيس، هرجاڻو ادا ڪرڻ جو حڪم

شهري جي فوت ٿيڻ بابت درخواست ۾ 13.5 ملين رپيا معاوضي طور ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو

شهري شيخ سعد 2019 ۾ برسات دوران بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو هو

ڪراچي(رپورٽر) سينئر سول جج سٽي ڪورٽ ڪي-اليڪٽرڪ کي مينهن دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب شهري جي فوت ٿيڻ بابت درخواست ۾ 1 /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

پنڪي عدالت ۾ پيش، ڪوڙا ڪيس ٺاهڻ جو الزام

انمول عرف پنڪي کي ڇهرو ڍڪي سخت سيڪيورٽي هيٺ سٽي ڪورٽ ڪراچي آندو ويو

جنهن کان پوءِ ڪيس جوڊيشل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) منشيات وڪرو ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار، عورت انمول عرف پنڪي کي جوڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

شهر ۾ تجاوزات جو خاتمو هڪ وڏو چئلينج آهي، واپارين جي سهڪار سان ڪاميابي حاصل ڪنداسين: ڪمشنر ڪراچي

واپارين جي مشاورت ۽ گڏيل سهڪار سان مارڪيٽن جا مسئلا ترجيحي ۽ مستقل بنيادن تي حل ڪيا ويندا

سپريم ڪائونسل آف ٽريڊرز ۽ ڪمشنر ڪراچي جي وچ ۾ رابطن جو مستقل نظام قائم ڪيو ويندو

واپاري نشاندهي ڪن، غفلت جا مرتڪب انتظامي اهلڪارن خلاف به ڪارروائي ڪئي ويندي

لاڪ ڊائون ۽ تجاوزات جي حوالي سان واپاري پاڻ به سهڪار ڪن ۽ پنهنجي مارڪيٽن ۾ قانون تي سختي سان عمل ڪرائن

ڪراچي (رپورٽر) شهر ۾ تجاوزات جو خاتمو هڪ وڏو چئلينج آهي، واپارين جي سهڪار سان ڪاميابي حاصل ڪنداسين. واپارين جي مشاورت ۽ گڏيل سهڪار سان مارڪيٽن جا مسئلا ترجيحي ۽ مستقل بنيادن تي حل ڪيا ويندا. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

آمريڪا ۽ ايران جنگ بندي پاڪستان لاءِ معاشي رليف جو اهم محرڪ آهي: خرم دستگير خان

علائقائي استحڪام، ٻارڻ جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ مهانگائي جي رجحانن کي ڪنٽرول ڪري پاڪستان جي معيشت کي مضبوط بڻائي سگهجي ٿو

پرڏيهي پاليسي جي اثرائتن فيصلن ۽ بهتر استحڪام ۽ عالمي موقف لاءِ علائقائي شموليت جو ڪريڊٽ پاڪستان کي آهي

اقتصادي نظريي کي مضبوط بڻائڻ ۽ عالمي غير يقيني صورتحال وچ ۾ متوازن لاڳاپا برقرار رکڻ ۾ مدد ڪئي آهي

علائقائي امن ۽ گڏيل احترام جي جذبي سان ٻه طرفه تعاون کي مضبوط بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ خرم دستگير خان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جاري جنگ بندي کي خطي لاءِ هڪ هاڪاري اڳڀرائي قرار ڏيندي ان ڳالهه تي زور ڀريو آهي، ته علائقائي استحڪام، ٻارڻ جي قيمتن ۾ گهٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ذوالحج جو چنڊ ڏسڻ لاءِ ڪميٽي جو اجلاس اڄ طلب

ذوالحج جو چنڊ ڏسڻ لاءِ ڪميٽي جو اجلاس اڄ طلب

اجلاس پاڪستان ميٽرولوجيڪل ڊپارٽمينٽ ڪراچي ۾ طلب ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (بيورو) ذوالحج جو چنڊ ڏسڻ لاءِ مرڪزي رويت هلال ڪميٽي جو اجلاس سڏائي طلب ڪيو ويو آهي. مرڪزي رويت هلال ڪميٽي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

حج 2026ع: سرڪاري ڪوٽا جو 77 سيڪڙو مڪمل، 90 هزار پاڪستاني حج پانڌيئڙا سعودي عرب پهچي ويا

مڪو شريف (م د) پاڪستان جي مختلف شهرن مان روٽ ٽو مڪہ ۽ حج اڏامن ذريعي وڌيڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ناسا ۽ اسپيس ايڪس جو بين الاقوامي خلائي اسٽيشن لاءِ نئون مشن روانو

لاس اينجلس (م د) آمريڪي خلائي اداري ناسا ۽ نجي خلائي ڪمپني اسپيس ايڪس بين ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

ڪراچي: گورنر سنڌ محمد نهال هاشمي سان ڊويزنل سپرينٽنڊنٽ پاڪستان ريلويز جمشيد عالم ملاقات ڪندي

بچت مهم تحت لاڳو ڪيل لاڪ ڊائون ختم

ڪراچي ۾ مارڪيٽن، دڪانن، شاپنگ سينٽرن، هوٽلن ۽ ريسٽورنٽ تي وقت سان لاڳاپيل پابنديون هٽائي ڇڏيون ويون

سنڌ حڪومت جي ڪفايت شعاري پاليسي تحت گذريل مهيني جاري ڪيل نوٽيفڪيشن هٽائي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ڪفايت شعاري مهم تحت لاڳو ڪيل لاڪ ڊائون ختم ڪري ڇڏيو آهي. ڪراچي ۾ مارڪيٽن، دڪانن، شاپن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

چين شينزو_23 خلائي مشن لانچ ڪرڻ لاءِ تيار

بيجنگ (م د) چين پنهنجي نئين انساني خلائي مشن "شينزو_23" جي لانچنگ جون تياريو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪراچي: ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي سان واپاري اڳواڻ عتيق مير جي اڳواڻي ۾ ملاقات ڪندي

ڀارت ۾ ٽينڪر جو گاڏي کي ٽڪر 6 ڄڻا فوت، 10 زخمي

نئين دهلي (م د) ڀارت جي ڏکڻ واري رياست ڪرناٽڪ ۾ تيز رفتار ٽينڪر جي گاڏي کي ٽڪر جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا فوت ۽ 10 زخمي ٿي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪرنٽ سبب فوتي ڪيس، هرجاڻو ادا ڪرڻ جو حڪم

شهري شيخ سعد 2019 ۾ برسات دوران بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو هو

علائقي جي رهواسين پاران ڪي-اليڪٽرڪ کي پول ۾ ڪرنٽ بابت شڪايتن جي باوجود ڪا به ڪارروائي نه ڪئي وئي

ڪراچي(رپورٽر) سينئر سول جج سٽي ڪورٽ ڪي-اليڪٽرڪ کي مينهن دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب شهري جي فوت ٿيڻ بابت درخواست ۾ 1 /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

ڪراچي سينٽرل عدالت پنڪيءَ کي ست ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

ڪراچي(رپورٽر) منشيات ڪيس ۾ گرفتار ڪوڪين ڪوئين انمول عرف پنڪي کي ڪر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

آنڌاري، گجگوڙ ۽ ڳڙي سان برسات جي اڳڪٿي، خطرن جو الرٽ جاري

18 کان 23 مئي تائين ملڪ جي مختلف حصن ۾ امڪاني موسم جي صورتحال جو تفصيلي جائزو جاري ڪري ڇڏيو

سڄي صوبي ۾ موسم شديد گرم ۽ خشڪ رهڻ جو امڪان آهي

اسلام آباد(بيورو) نيشنل ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) 19 کان 22 مئي دوران آنڌاري گجگوڙ ۽ ڪنوڻ سان گڏ برسات جي اڳڪٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

اسحاق ڊار سان ازبڪستان جي پرڏيهي وزير جو ٽيليفونڪ رابطو

گڏيل دلچسپي جي ٻه طرفه ۽ گهڻ رخي معاملن تي ڳالهيون

علائقائي صورتحال، گڏيل دلچسپي جي ٻه طرفه ۽ گهڻ رخي معاملن تي ڳالهيون ڪيون

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ازبڪستان جي پرڏيهي وزير بختيار سعيدوف سان ٽيليفونڪ رابطو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ڊونلڊ ٽرمپ تائيوان کي چين کان باضابطہ آزادي جو اعلان ڪرڻ بابت خبردار ڪري ڇڏيو

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ تائيوان کي چين کان باضابطہ آزادي جو اعلان ڪرڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

سپريم ڪورٽ سرڪاري اهلڪارن تي حملو دهشتگردي ۽ رياستي رٽ تي حملو قرار ڏئي ڇڏيو

سپريم ڪورٽ قرار ڏنو ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن تي حملو دهشتگردي جي دائري ۾ اچي ٿو

سرڪاري اهلڪارن تي حملو رياست جي رٽ ۽ انصاف جي نظام تي سڌو سنئون حملو آهي

قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي نشانو بڻائڻ ذاتي دشمني نه پر اها دهشتگردي آهي

اسلام آباد (بيورو) سپريم ڪورٽ لاهور ۾ ٻن پوليس آفيسرن ۽ هڪ ڪانسٽيبل کي قتل ڪندڙ ڏوهاري مشتاق احمد جي نظرثاني درخواست کي رد ڪري ڇڏيو آهي. سپريم ڪورٽ قرار ڏنو ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

ڪراچي: ايمپريس مارڪيٽ جو تزئين وآرائش ڪانپوءِ هڪ خوبصورت منظر جو ڏيک

سنڌ حڪومت دڪانن، مارڪيٽن ۽ شادي هالن کي وقت تي بند ڪرڻ واري پابندي ختم ڪري ڇڏي

هاڻي ڪاروباري مرڪز اڳوڻين پابندين کان سواءِ معمول موجب پنهنجي مقرر ڪيل وقت تائين ڪم جاري رکي سگهندا

حڪومت مارڪيٽن، ريسٽورنٽس ۽ شادي هالن لاءِ مخصوص وقت توانائي جي تحفظ ۽ ڪفايت شعاري جي پاليسي تحت مقرر ڪيو هو

واپارين ۽ صنعتڪارن جي تجويزن، مسئلن ۽ زميني حقيقتن کي نظر ۾ رکندي سنڌ حڪومت اهو فيصلو ڪيو آهي ته جيئن ڪاروباري سرگرميون متاثر نه ٿين

ڪراچي (بيورو) سنڌ حڪومت سمورن دڪانن، مارڪيٽن، شاپنگ مالز، هوٽلن، ريسٽورنٽس، فوڊ آئوٽ ليٽس ۽ شادي هالن کي حڪومت جي مقرر ڪيل وقت تي بند ڪرڻ واري پابندي ختم ڪري ڇڏي آهي. صوبي جي سينئر وزير شرجيل انعا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
آچر 17 مئي 2026ع بمطابق 29 ذوالقعد 1447ھ

دشمن جي جارحيت ۽ ايران جي هاٽوڪي حڪمت عملي

اعجاز ممنائي

دشمن پوري طاقت سان ٻاهر نڪتو آهي، علائقي ۾ فوجي سامان جي پهچائڻ کان وٺي سياسي خطرن ۽ بيان بازي تائين شايد سڀ کان وڌيڪ وسيع پيچيده جامع نفسياتي ۽ ميڊيا آپريشن تائين، سڀ طريقا ۽ حڪمت عمليون اختيار ڪيون، پر ايران کان اهي مقصد ماڻي نه سگهيو جنهن جي کيس توقع هئي؛ سامراجي سوچ هئي ته مختلف پاليسيون لاڳو ڪري ايران کي گوڏن ڀر ڪرڻ تي مجبور ڪنداسين، سو پاڻ ايران اڳيان سمورا هٿيار ڦٽا ڪري ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ ٻين ملڪن کي منٿون ڪري رهيو آهي، ايراني هٿياربند فوجن جي مردانگي ثابت قدمي ۽ ايراني عوام جي مزاحمت ۽ قومي اتحاد دشمن کي پوئتي هٽڻ ۽ جنگ بندي تي مجبور ڪيو آهي، هاڻي، هڪ ڀيرو ٻيهر، دشمن نئين چال سان غلبو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ هو سمجهي ٿو ته ڌمڪيون ڏيڻ ڏيڄارڻ ۽ فوجي حملي ذريعي هو ڪامياب ٿي ويندو ۽ پنهنجي اڳوڻي ناڪامي جي تلافي ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجي ناپاڪ ارادن کي لاڳو ڪري ويندو ٿو پر اها سندس ڀل آهي ڇو ته ايران ازل کان آمريڪا ۽ اسرائيل کي پنهنجو دشمن سمجهندو رهيو آهي.

اسلامي جمهوريه ايران بار بار واضح طور تي اعلان ڪيو آهي ته هو جنگ نٿو چاهي، پر جيڪڏهن دشمن هڪ ڀيرو ٻيهر هن آپشن کي لاڳو ڪرڻ چاهي ٿو، ته ساڻس مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهيون دشمن جو ڪو به حربو ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين ايران 1979ع کان وٺي جنگي صورتحال ۾ رهندي پنهنجي دشمن ۽ دوست ملڪن کي پرکي ورتو آهي ۽ هر قسم جي معاملن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهي. ايران هن وقت تائين دشمن جي سازش ۽ جارحيت جي جواب ۾ هڪ خاص حد تائين صبر جو مظاهرو ڪيو آهي، پر هن ڀيري معاملو مختلف هوندو ۽ هڪ علائقائي جنگ جارحيت ڪندڙن، انهن جي حمايت ڪندڙن ۽ انهن جي ميزباني ڪندڙن جي انتظار ۾ هوندي.

اهڙي جنگ ۾، ماضيءَ جون ڳاڙهيون لڪيرون خاص طور تي تبديل ٿي وينديون ۽ جنگ جو ميدان اڳ کان وڌيڪ وسيع ۽ وڌيڪ کليل هوندو. نشانن جو دائرو وڌندو ۽ جيڪڏهن ايران جو علائقو ۽ ايرانين جون زندگيون آمريڪي حملي جو نشانو بڻجن ٿيون، ته پوءِ آمريڪا جا مفاد ۽ آمريڪين جون زندگيون ڪٿي به محفوظ نه رهنديون. هن سموري جنگ ۾، ايران جا علائقائي اتحادي سامهون نه آيا ۽ اسلامي جمهوريه ايران صهيونسٽ ۽ آمريڪي حملي آورن جي خلاف اڪيلو بيٺو رهيو. پر مستقبل جي ممڪن جنگ ۾، اهو تبديل ٿيندو ۽ دشمن کي مختلف جنگي ميدانن تي مختلف محاذن کي منهن ڏيڻو پوندو. ٻئي پاسي آمريڪي صدر کي پنهنجي ئي ملڪ ۾ مختلف چئلينجن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ۽ ايران سان جنگ جي شعلن کي ڀڙڪائڻ سندس موجوده صورتحال کي ڌماڪيدار سطح تي وڌائيندو ۽ امريڪا کي ذلت آميز شڪست ۾ تبديل ڪندو. ڪجهه آمريڪي ميڊيا حلقن جو چوڻ آهي. ته آمريڪي صدر ٽرمپ ڳالهين جي ميز تي دٻاءُ وجهي سگهي ٿو ۽ ايران کي پنهنجين ڳاڙهي لڪيرن ۽ قومي مفادن کي ڇڏڻ تي مجبور ڪري سگهي ٿو، ته پوءِ هو هڪ سنگين ۽ غلط حساب ڪري رهيو آهي ۽ ان کي هن غلطي جي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پوندي. ايران اهڙي جنگ ۾ صهيونسٽ حڪومت ۽ آمريڪا کي الڳ الڳ نه سمجهندو ۽ هن حڪومت کي گڏيل جنگ جي پيٽ ۾ ايران کان هڪ مضبوط چماٽ چکڻي پوندي. اميرالمومنين، حضرت علي عليہ السلام جو فرمان آهي ته: "جيتوڻيڪ جبل هلن لڳن، تڏهن به توهان کي ثابت قدم رهڻ گهرجي، مٿي تي هٿ ڏيڻ بجاءِ، پنهنجو سر خدا جي حوالي ڪرڻ گهرجي، پنهنجا پير مضبوطيءَ سان زمين ۾ ميخن وانگر رکڻ گهرجن. پنهنجون اکيون ميدان جنگ ۾ پري تائين رکو، خوفناڪ نظارن کي نظرانداز ڪريو، ۽ ياد رکو ته فتح الله تعاليٰ جو واعدو آهي."

اها ڪا تعجب جي ڳالهه ناهي ته ايران جا دشمن انهن رهنما اصولن کي سمجهڻ کان قاصر آهن جن ايران کي ذوالفقار جي فوج جي سپاهين جو جوش ۽ همت ڏنو آهي اهي ڪنهن به صورت ۾ پوئتي نه هٽندا ايران جي هاٽوڪي جنگي حڪمت عملي آمريڪا ۽ اسرائيل سميت سڀني ملڪن کان بهترين آهي ائين سمجهو ته ايران اڪيلو هڪ پاسي هيڏانهن عيسائي يهودي عرب هندو ۽ مسلمان ملڪ ٻئي پاسي بيٺل آهن مطلب الله کانسواءِ ايران جو ڪو به مددگار نه آهي جيڪڏهن مددگار آهي تڏهن به لڪ ڇپ ۾ مدد ڪري ٿو آمريڪا ۽ اسرائيل سمجهيو پئي ته ايران کي چند ڏينهن ۾ ختم ڪري ڇڏيندو ۽ هو فتح جو اعلان ڪندا پر ايران جي حيران ڪندڙ حڪمت عمليءَ سبب جنگ ڊگهي ٿي وئي ايران نه رڳو آمريڪا ۽ اسرائيل پر عرب ملڪن جا ڏاٽا ڪڍي ڇڏيا منهنجي خيال ۾ آمريڪا اڳ جيان يڪطرفي فتح جو اعلان ڪري پڄندو پر ايران حماس حزب الله ۽ حوثي گڏجي اسرائيل جا ڏاٽا ڪڍي وجهندا اهوئي سبب آهي جو صدر ٽرمپ جو غزه بابت جوڙيل بورڊ آف پيس به لڙهي ويو بهرحال نفسياتي ۽ سياسي جنگ ايران کٽي چڪو آهي هاڻي اگر جنگ بند به ٿيندي ته دنيا ۾ نوان اتحاد ٺهندا عالمي سلامتي ڪائونسل ۽ اسلامي اتحاد انهيءَ صورت ۾ نه بيهندا ڇوته امريڪي دٻدٻو هاڻي لڏي چڪو آهي تازو تجويز ڪيل معاهدي تحت ايران پنهنجي يورينيم افزودگي پروگرام تي عارضي پابندي قبول ڪندو، جڏهن ته آمريڪا ايران تي لڳل پابنديون نرم ڪرڻ ۽ دنيا ۾ روڪيل ايراني اثاثن مان اربين ڊالر جاري ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندو ان سان گڏ آبنائي هرمز ۾ سامونڊي اچ وڃ تي لڳل رڪاوٽون به مرحليوار ختم ڪيون وينديون ذريعن موجب هن معاهدي جا ڪيترائي نقطا هڪ جامع ۽ حتمي معاهدي سان مشروط هوندا. يعني جيڪڏهن ڳالهين ۾ ناڪامي ٿي ته جنگ ٻيهر ڀڙڪي سگهي ٿي يا خطو ڊگهي غيريقيني صورتحال ۾ داخل ٿي سگهي ٿو. جتي جنگ عارضي طور رڪيل هجي پر مسئلو حل نه ٿيو هجي پردي پويان جي اطلاعن موجب هڪ صفحي تي ٻڌل 14 نقاطي مفاهمتي دستاويز تي اسٽيو وٽڪوف ۽ جيرڊ ڪشنر ايراني عملدارن سان سڌي ۽ ٽياڪڙن وسيلي ڳالهيون ڪري رهيا آهن جنهن دوران آبنائي هرمز کولڻ، ايران جي جوهري پروگرام کي محدود ڪرڻ ۽ آمريڪي پابنديون هٽائڻ بابت تفصيلي ڳالهيون ٿينديون سڀ کان حساس معاملو يورينيم افزودگي تي پابندي جو مدو آهي ذريعن موجب آمريڪا گهٽ ۾ گهٽ 20 سال چاهي ٿو، جڏهن ته ايران 5 سالن جي تجويز ڏني آهي، پر 12 کان 15 سالن جي وچ واري عرصي تي ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون ذريعن موجب هڪ اهم تجويز اها به آهي ته ايران پنهنجي انتهائي افزود يورينيم کي ملڪ کان ٻاهر منتقل ڪري. جيتوڻيڪ تهران هيل تائين ان مطالبي کي رد ڪندو رهيو آهي

دنيا ۾ صرف ٻه مذهب آهن

فقير صابر حسين راڙ

الله پاڪ رب العزت خالق اڪبر ابليس جي انا کي ختم ڪرڻ لاءِ حضرت آدم عليہ السلام کي پيدا ڪري ان کي ملائڪن کان سجدو ڪرائي نياز نوڙت ڪرڻ جو حقيقي انساني عملي طريقو سيکاريو جنهن کي عبادت ڪرڻ جو نالو ڏنو ويو جڏهن ته فرعون جي خدائي واري دعوا کي ختم ڪرڻ ۽ فرعوني صفتن کي ناڪاره بنائڻ لاءِ الله پاڪ حضرت موسا کي موڪلي عالم انسانيت کي نجات ڏياري بعد ۾ اڳتي هلي نمرود جي ظلمن کان انسانيت کي بچائڻ لاءِ الله پاڪ حضرت ابراهيم کي موڪليو ۽ آخر ۾ يزيد جي ڪردار کي فنا ڪرڻ لاءِ امام حسين عليہ السلام کي موڪلو اهڙي طرح دنيا ۾ مذهب ته ڪيترائي اچي ته ويا پر عملي طور تي صرف ٻه مذهب رهيا آهن هڪ ابليسي مذهب ۽ ٻيو آدم عليہ السلام جو مذهب هڪ فرعوني صفتن جو مذهب ۽ ٻيو حضرت موسا عليہ السلام جي عظيم پاڪيزه ڪردار جو مذهب هڪ نمرودي غليظ فطرتن جو مذهب ۽ ٻيو ابراهيمي عملن جو مذهب هڪ يزيد جي ڪردار جو مذهب ۽ ٻيو حسينيت جو مذهب

اصل ۾ مذهبن جو تعلق انساني ڪردار سان آهي جنهن جو ڪردار بهتر آهي اهوئي بهتر مذهب هجڻ جي پروي ڪرڻ جي دعوا ڪري سگهي ٿو باقي جنهن جي ڪردار کان مخلوق خدا تنگ هجي ته اهو صرف مذهب کي استعمال ڪندي مذهب کي بدنام ڪندي مذهبي هجڻ جو فريب ڏئي رهيو آهي اهو ئي سبب آهي جو مولانا راشد محمود سومري کي سنڌ ۾ صرف ملحد ته نظر اچن ٿا پر مدرسن مسجدن ۾ رهندڙ ملن مولوين عالمن جو جو ڪردار نظر نه ٿو اچي جيڪڏهن مڃجي به سهي ته سنڌ ۾ ملحد گهڻا ٿي ويا آهن ته پوءِ ملحد ٿيڻ جا سبب ڪهڙا آهن ۽ انهن سببن کي ڳولهڻ ۽ سمجهڻ سان گڏ انهن جو حل به تلاش ڪندي ملحد ٿيڻ وارن کي روڪڻ گهرجي اصل ۾ ماڻهون ملحد نه بلڪ آزاد خيال ٿيڻ جي ڪري هو ملن مولوين جي فريب کان تنگ ٿيڻ لڳا آهن ۽ غلامي جي زنجيرن کي ٽوڙڻ ٿا چاهين جڏهن ته مذهب ڪنهن ملان مولوي پنڊت يان پادري جو نه آهي ۽ نه ئي مذهب ملن مولوين پادرين ۽ پنڊتن جي خيالن جو پابند يان ڪو محتاج آهي شايد ان ڪري ئي امام حسين عليہ السلام جن فرمايو هيو ته (منهنجي جنگ يزيد سان نه بلڪ يزيدي ڪردار سان آهي) ٻئي هنڌ وري فرمائن ٿا ته (مون جهڙو يزيد جهڙي جي بيعت ڪڏهن به ڪري نه ٿو سگهي) وري جڏهن مديني کان هجرت ڪري ڪربلا وڃي رهيا هيا ته سندس ڀاءُ حضرت حنفيہ ڪجه سوال ڪيا ته پاڻ فرمايائون ته (قسم بخدا منهنجو مقصد جنگ ڪرڻ نه آهي بلڪ منهنجو مقصد صرف ئي صرف پنهنجي نانا رسول پاڪ جي امت جي اصلاح ڪرڻ کانسواءِ ڪجه به نه آهي) تنهن ڪري مجموعي طور تي اهو چئي سگهجي ٿو ته دنيا ۾ صرف ٻه مذهب آهن هڪ مذهب حق جو ۽ ٻيو مذهب باطل جو هڪ مذهب مظلوميت جو ۽ ٻيو مذهب ظالمن جو شايد ان ڪري ڪائنات جي رسول پاڪ جن فرمايو هيو ته (علي مع الحق الحق مع العلي ترجمو ته علي حق سان گڏ آهي ۽ حق علي سان گڏ) جڏهن ته مولاءِ ڪائنات حضرت علي ابن ابي طالب عليہ السلام جن فرمائن ٿا ته (هر حال ۾ مظلوميت جي حمايت ڪريو چاهي اهو مظلوم ڪافر چو نه هجي ۽ هر حال ۾ ظالم جي مخالفت ڪريو چاهي اهو ظالم مسلمان چو نه هجي) جڏهن ته دنيا جا مسلمان ملڪ هن وقت لالچ ۽ خوف ۾ هجڻ جي ڪري بزدلي جو مظاهرو ڪندي آمريڪا ۽ اسرائيل جا حمايتي بڻيل آهن جهڙي طرح مسلماني جي دعوا ڪندڙ جنگ نهروان جنگ جمل جنگ صفين ۾ مولا علي جو ساٿ ڇڏي مخالفن جي صفن ۾ بيٺا هئا ۽ ڪربلا جي جنگ ۾ تمام حاجي نيڪ نمازي پرهيزگار هجڻ جا دعويدار مفتي ۽ عالم يزيدي فوج ۾ شامل هئا

بحرحال هن وقت آمريڪا طرفان اسرائيل جي حمايت ڪندي ايران تي جنگ مڙهي وئي آهي جڏهن ته ايران ڪيترن ئي سالن کان معاشي عالمي پابندين جي ڪري معاشي ڪمزور هجڻ جي ڪري ٻيو ته مسلسل حالت جنگ ۾ رهندو پيو اچي جڏهن ته عراق مسلسل ايران سان اٺن سالن تائين جنگ ڪندو رهيو پر پوءِ به ايران پنهنجي وقار کي بلند رکندي ڪڏهن به جنگ بندي جي لاءِ اقوام متحده کان وٺي ڪنهن به ملڪ کي ڪڏهن به اپيل ته نه ڪئي پر ڪنهن به ملڪ کان ڪابه ڪنهن به قسم جي مدد ڪرڻ لاءِ به پنهنجي جهولي به ڦهلائي جهڙي طرح هن وقت دنيا ۾ سپر پاور هجڻ جو دعويدار ملڪ آمريڪا ايران کي موجوده جنگ ۾ ڌمڪيون به ڏئي رهيو آهي ۽ ٻين ملڪن کان مدد لاءِ اپيلون به ڪري رهيو آهي ۽ جنگ بندي لاءِ ملڪن کي ٽياڪڙي ڪرڻ لاءِ اپيلن جا ڊراما به ڪري رهيو آهي پر هن وقت تائين ايران جنگ بندي کان وٺي جنگ ڪرڻ لاءِ به ڪنهن به ملڪ کي مدد جي لاءِ اپيل به نه آهي ڪئي ڪيترن ئي سالن کان عالمي پابندين هجڻ باوجود به ڪڏهن ايران اقوام متحده جهڙي غلام اداري جي ڪنهن به اجلاس ۾ دنيا جي ڪنهن به ملڪ جو سهارو نه آهي ورتو ايران پنهنجي خود مختياري واري لڄ ۽ جذبي سان ڪنڌ مٿي ڪري هلڻ کي اهميت ڏيندي غلامي کي ٺوڪر هڻي پنهنجي سالميت کي بچائڻ لاءِ عزت سان جيئڻ کي ترجيح ڏئي رهيو آهي جڏهن ته پاڪستان انڊيا جي معمولي جهڙپ ۽ ٿورڙين ڌمڪين کان پوءِ بهادري جو مظاهرو ته ڪري ٿو پر وري آمريڪا جي ڌمڪين کان پوءِ گوڏا کوڙي پوئتي هٽڻ تي مجبور ٿي ٿو پوي چو ته پاڪستان کي پنڻ جي عادت جو پئجي وئي آهي ۽ پاڪستان آمريڪا کان مالي مدد حاصل ڪرڻ کان وٺي آءِ ايم ايف کان قرض کڻڻ جو عادي جو ٿي ويو آهي جڏهن ته قرضي ۽ پنڻ واري جو ڪو به وقار نه آهي هوندو اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان جي خودمختياري داءُ تي لڳل آهي ۽ پاڪستان ۾ سياسي رجيم چينج کان وٺي ڪنهن جنرلن جي چيف ٿيڻ تائين آمريڪا جي مداخلت هلندي آهي ان ڪري هن وقت اهو چئي سگهجي ٿو ته موجوده حالتن ۾ دنيا ۾ صرف ٻه مذهب آهن هڪ آمريڪي مذهب ۽ ٻيو ايراني مذهب جڏهن ته پاڪستان ۾ وري هڪ مذهب فارم 47 وارن جو آهي ۽ ٻيو مذهب حق گهرڻ جي جرم ۾ جيلن جون سختيون برداشت ڪرڻ وارن جو يان ائين چئجي ته هڪ مذهب مظلوم سنڌ ۽ بلوچستان جي مظلوم عوام جو ۽ ٻيو ظالم غاصب پنجاب جو مذهب تاريخ انسانيت جي اها حقيقت آهي ته حق ۽ سچ جي راهه تي وڙهڻ ۽ جمي بيهڻ وارا يان ته اڪيلا هوندا آهن يان وري ٿورائي ۾ هوندا آهن هن وقت ايران بظاهر اڪيلو جنگ وڙهي رهيو آهي ۽ جيڪي ساٿ ڏئي به رهيا اٿس اهي به ظاهر ٿيڻ لاءِ في الحال تيار نه هجڻ جي ڪري سڌي جنگ ڪرڻ نه ٿا چاهين پر پوءِ به چين ۽ روس سڌيون ڌمڪيون ڏئي آمريڪا کي خوفزده ڪندي اهو ثابت ڪري رهيا آهن ته هنن جو ظالم سان ڪو به واسطو نه آهي ۽ هي مظلوم جي صفن ۾ بيهڻ کي ترجيح ڏئي انسانيت جو وقار بلند ڪرڻ وارا آهن ليڪن عرب اسلامي ملڪ ڪربلا کان وٺي ٿورو پوئتي ويندي اسلامي تاريخ جو جائزو وٺبو ته جنگ صفين جنگ جمل جنگ نهروان واري تاريخ کي هن وقت دهرائي رهيا آهن جنهن تي عالم اسلام کان وٺي عالم انسانيت جي باشعور شخصيتن کي غور فڪر ڪندي حالتن کي سمجهڻ گهرجي

****

عوام کي هر بار آزمائش جا نتيجا اڳرا ڀ نڪري سگهن ٿا

هن ملڪ جو غريب ماڻهو هاڻي رڳو مهانگائيءَ سان نه، پر پنهنجي وجود بچائڻ جي جنگ وڙهي رهيو آهي، هر نئون ڏينهن ڪا نئين تڪليف کڻي اچي ٿو ڪڏهن بجليءَ جو بل ماڻهن جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي ٿو ته ڪڏهن اٽي ۽ کنڊ جا اگهه دل ڏڪائي ڇڏين ٿا ۽ هاڻي وري پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ تيل تازي واڌ عوام جي زخمن تي لوڻ ٻرڪي ڇڏيو آهي، حڪومت رات جي اونداهيءَ ۾ هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ۽ صبح ٿيڻ تائين لکين ماڻهن جي زندگي وڌيڪ ڏکي بڻجي چڪي هئي حڪمرانن لاءِ شايد اهو رڳو چند رپين جو اضافو هجي، پر هڪ مزدور، هاري، رڪشا ڊرائيور ۽ پگهاردار ماڻهوءَ لاءِ اها رقم سندس ٻارن جي ماني، اسڪول فيس ۽ گهر جي چلهه سان جڙيل آهن. حڪومت جو چوڻ آهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن سبب اهو فيصلو ڪرڻو پيو، پر سوال اهو آهي ته جڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ اگهه گهٽبو ناهي وڌيو ته پوءِ عوام تي ايترو وڏو بار ڇو وڌو ويو؟ حقيقت ته اها آهي ته حڪومت وري ساڳيو پراڻو رستو اختيار ڪيو آهي؛ پيٽروليم ليوي وڌائي عوام مان اربين روپيا ڪڍيا آهن. يعني حڪومت سڄو بار وري به غريب عوام جي مٿان وجهي ڇڏيو آهي.

آخر هن ملڪ ۾ قرباني صرف عام ماڻهو ڇو ڏئي؟ وڏا واپاري، جاگيردار، شوگر مل مالڪ، وڏيرا ۽ ارب پتي ڪاروباري جو هر ڀيري بچي وڃن ٿا؟ ڇو حڪومتن کي هميشه غريبن جي کيسي تي ئي ڌاڙو هڻڻ آسان لڳي ٿو؟ آءِ ايم ايف جي نالي تي ماڻهن کي مهانگائيءَ جي باهه ۾ اڇلايو وڃي ٿو پر حڪمران طبقي جون مراعتون، پروٽوڪول ۽ عياشيون ساڳيون برقرار رهن ٿيون جڏهن هڪ مزدور موٽر سائيڪل ۾ پيٽرول پرائي ٿو ته سندس ذهن ۾ اهوئي خيال هجي ٿو ته هاڻي گهر جو خرچ ڪيئن هلندو؟ هڪ هاري جڏهن ٽريڪٽر ۾ ڊيزل وجهرائي ٿو ته کيس اڳواٽ خبر آهي ته فصل مان ڪجهه به نه بچندو رڪشا هلائيندڙ هجي يا ڪو ننڍو دڪاندار، هر ماڻهو ڄاڻي ٿو ته پيٽرول جي قيمت وڌڻ جو مطلب آهي هر شيءِ جو مهانگو ٿيڻ سبزيون، اٽو ڪنڊ، ڪپڙا، دوائون، ٽرانسپورٽ، اسڪول جون فيسون، سڀ ڪجهه عوام جي پهچ کان پري ٿيندو ويندو پر حڪمرانن جي دنيا شايد الڳ آهي انهن جا محل روشن آهن، انهن جا پروٽوڪول جاري آهن، سرڪاري گاڏين ۾ پيٽرول جا خرچ قومي خزاني مان پورا ٿين ٿا انهن جا ٻار ٻاهرين ملڪن ۾ پڙهن ٿا، علاج دبئي ۽ يورپ ۾ ڪرائن ٿا ۽ عوام کي وري صبر ۽ قربانيءَ جا سبق ڏنا وڃن ٿا جيڪڏهن ملڪ بحران ۾ آهي ته پوءِ قرباني صرف غريب ڇو ڏئي؟ ڇا حڪمرانن جو ڪو فرض ناهي؟

هي ملڪ آخر ڪيئن هلي سگهندو، جتي هڪ غريب ماءُ ٻارن کي کير بدران پاڻي پياري سمهاري ٿي ۽ ٻئي پاسي حڪمرانن جي دعوتن تي لکين رپيا خرچ ٿين ٿا؟ هڪ مزدور ڏينهن رات پورهيو ڪري به گهر جو خرچ نٿو هلائي سگهي، جڏهن ته وزيرن ۽ مشيرن جون مراعتون گهٽ ٿيڻ بدران وڌنديون وڃن ٿيون اهو فرق هاڻي ماڻهن جي دلين ۾ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ پيدا ڪري رهيو آهي، جيڪو بهرحال حڪمرانن ۽ اشرافيه طبقي لاءِ سٺو ناهي. حڪومت هر ڀيري چوندي آهي ته آءِ ايم ايف جون شرطون آهن پر ڇا آءِ ايم ايف اهو به چوي ٿو ته حڪمرانن جا پروٽوڪول ختم نه ڪيا وڃن؟ ڇا آءِ ايم ايف اهو چوي ٿو ته وڏن جاگيردارن ۽ واپارين کان مڪمل ٽيڪس نه ورتو وڃي؟ حقيقت اها آهي ته حڪمرانن لاءِ سڀ کان آسان ڪم غريب عوام تي بار وجهڻ بڻجي ويو آهي، ڇاڪاڻ ته اتي ڪا مزاحمت نٿي ٿئي

اڄ حالتون اهڙيون ٿي ويون آهن جو وچولو طبقو به آهستي آهستي غريب بڻجندو پيو وڃي پگهاردار ماڻهو هر مهيني قرض هيٺ اچي رهيو آهي ڪيترائي ماڻهو ٻارن جي تعليم ڇڏائڻ تي مجبور آهن اسپتالن ۾ علاج ڪرائڻ هاڻي خواب بڻجي ويو آهي نوجوان بيروزگاريءَ ۽ ذهني دٻاءُ جو شڪار آهن ڪيترن ئي گهرن ۾ چلهه ٻرڻ به مسئلو بڻجي ويو آهي

ملڪ جو هر شهر ۽ هر ڳوٺ مهانگائيءَ جي باهه ۾ سڙي رهيو آهي ماڻهو بجلي جا بل ڀرڻ لاءِ زيور وڪڻي رهيا آهن شاگرد فيسن نه هجڻ سبب تعليم ڇڏي رهيا آهن اسپتالن ۾ دوائون ناهن، پر حڪمرانن جا پرڏيهي دورا جاري آهن ترقيءَ جون دعوائون پنهنجي جاءِ تي، پر عام ماڻهوءَ جي زندگي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ مشڪل بڻجي رهي آهي اسان جو خيال آهي ته ملڪ صرف ٽيڪسن ۽ ليوين سان نه، پر انصاف سان هلي سگهي ٿو جيڪڏهن حڪمران واقعي عوام سان مخلص آهن ته پوءِ پنهنجا خرچ گهٽ ڪن وزيرن ۽ مشيرن جون مراعتون گهٽايون وڃن وڏن جاگيردارن ۽ سرمائيدارن کي ٽيڪس نيٽ ۾ آندو وڃي غير ضروري سرڪاري خرچ بند ڪيا وڃن پر افسوس، هتي هر ڀيري قرباني غريب کان ورتي وڃي ٿي ۽ آسائشي اميرن لاءِ محفوظ رهي ٿي

پيٽرول ۽ ڊيزل جي وڌايل اگهن رڳو سفر مهانگو ناهي ڪيو، پر ماڻهن جي زندگين مان سڪون به کسي ورتو آهي حڪمران شايد اڃا به سمجهن ٿا ته عوام خاموش رهندو، پر ڪين ياد رکڻ گهرجي ته بک، بيروزگاري ۽ ناانصافيءَ جي به هڪ حد هوندي آهي جڏهن ماڻهن وٽ وڃائڻ لاءِ ڪجهه ناهي بچندو ۽ ظلم انتها تي پهچندو آهي تڏهن مظلوم اٿي ڪڙو ٿيندو آهي، سندن صبر ۽ خاموشي طوفان ۾ بدلجي ويندي آهي.

بقايا *** 01

ن ملهائي رهيو آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب وزيراعظم چيو ته هي ڏينهن ملڪي ۽ عالمي سطح تي هڪ پرامن، هم آهنگ ۽ متحد معاشري جي تعمير جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو. ملڪي سطح تي اهڙو سماجي ماحول جوڙڻ جيڪو امن کي هٿي وٺرائڻ جو سبب بڻجي بيشڪ اسان جي بصيرت افروز قومي وارثت ۽ آئيني ذميواري آهي. هن چيو ته قائداعظم محمد علي جناح قومي ترجيحن جي نشاندهي ڪندي واضح ڪيو هو ته قوم جي حيثيت سان اسان قومي ۽ عالمي معاملن ۾ ديانتداري ۽ منصفاڻي طرز عمل جي اصولن تي يقين رکون. ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ امن ۽ خوشحالي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پنهنجون ڀرپور خدمتون انجام ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. اهي اصول اسان جي فخر جوڳي قومي سڃاڻپ آهي ۽ وڌيڪ هم آهنگ ۽ متحد قومي ۽ عالمي معاشري جي قيام طرف اسان جي جدوجهد جو بنياد پڻ آهي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان حڪومت پرامن، روادار ۽ متحد معاشري جي قيام لاءِ عملي قدمن لاءِ پرعزم آهي جتي هر شهري بنا ڪنهن فرق، رنگ ۽ نسل ۽ مذهبي جي باوقار زندگي گذاري سگهي. پاڪستان جي آئين ۾ به هر قسم سميت صوبائي، نسل، فرقيوارائي ۽ علائقائي تعصب خلاف آئيني تحفظ فراهم ڪري ٿو. هن چيو ته پاڪستان مختلف ٻوليون، گهڻ رخي ثقافتون، مسلڪن ۽ تهذيبي روايتون رکندڙ ملڪ آهي ۽ هي سماجي انفرادي جدت پاڪستان جي معاشرتي مضبوطي جو اظهار آهي. قومي اتحاد ۽ سماجي هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پيغام پاڪستان سميت مثبت قومي بياني جو مقصد فڪري ۽ عملي انتهاپسندي جو خاتمو آهي. هن انساني حقن جي آئيني تحفظ سان گڏوگڏ پاليسي ۽ عملي قدمن کي اٽڪرار ڏيندي چيو آهي ته ان سلسلي ۾ حڪومت انساني حقن بابت قومي ايڪشن پلان جوڙيو آهي، جنهن جو مقصد عورتن کي بااختيار بڻائڻ، ٻارن جو تحفظ ۽ پٺتي پيل ڪمزور طبقن جي حقن کي هٿي وٺرائڻ آهي. ملڪ جي پهرين انساني حقن ۽ ڪاروبار بابت قومي ايڪشن پلان تي عملدرآمد جاري آهي. جنهن ذريعي ذميوارانہ ڪاروباري طرز عمل، مزدورن جي حقن جو تحفظ، اڻبرابري جي سلوڪ جو خاتمو ۽ ڪاروباري سرگرمين سان جڙيل انساني حقن جي پيچيدگين جي موثر ازالي کي هٿي ڏيڻ آهي. هي پاليسي قدم هڪ منصفاڻي، مربوط ۽ برابري واري معاشري جو بنياد فراهم ڪن ٿيون. هن چيو ته حڪومت انساني حقن جي آگاهي واري پروگرام ذريعي به رواداري واري جذبي ۽ اتحاد ۽ هم آهنگي کي هٿي ڏئي رهي آهي. حڪومت اداره جاتي نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ انساني حقن بابت قومي ڪميشن جي قيام ۽ فعاليت ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، صوبن ۾ به ضلعي انساني حقن وارين ڪميٽيون قائم ڪيون ويون آهن ته جيئن مقامي سطح تي سماجي هم آهنگي کي هٿي ڏئي سگهجي. انهن قدمن کي ٽيڪنالاجي ذريعي سهولت يافتہ صنفي بنياد تي تشدد جي ازالي جي قومي حڪمت عملي ۽ اقليتي فلاحي فنڊ ذريعي وڌيڪ هٿي ڏني پئي وڃي، ان روشني ۾ حڪومت اهڙا قانوني سڌاراجاتي قدم به متعارف ڪرايا آهن جيڪي معاشري ۾ نقصانڪار رسمن ۽ تشدد جي خاتمي ۾ مددگار ثابت ٿيندا. ان ۾ آءِ سي ٽي، گهريلو تشدد جي روڪٿام ۽ تحفظ ايڪٽ 2026ع، آءِ سي ٽي ننڍپڻ جي شادي جي روڪٿام ايڪٽ 2025ع ۽ اقليتي حقن بابت قومي ڪميشن ايڪٽ 2025ع پارليامينٽ مان منظور ٿي چڪا آهن ۽ وزارت انهن ڪميشن جي قيام جا مرحلا مڪمل ڪري رهي آهي. وزيراعظم چيو ته اهي سمورا مجموعي قدم پاڪستان حڪومت جي ان پختي عزم جو اظهار آهن ته هڪ متحد ۽ پرامن معاشرو جوڙي سگهجي جتي هر فرد پرامن انداز ۾ عزت، برابري ۽ گڏيل احترام سان زندگي گذاري سگهي. هن چيو ته هو نوجوانن، مذهبي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي کي اپيل ٿو ڪري ته هو سهپ، همدردي ۽ رواداري جي قدمن کي هٿي ڏيڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن اچو ته گڏجي اهڙي پاڪستان ۽ دنيا جي تعمير ڪريون جتي اختلاف ۽ ورڇ جي جاءِ تي خوشحال ۽ هم آهنگ مستقبل يقيني هجي.

بقايا *** 02

وزير ۽ گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) جي اڳواڻ غلام مرتضيٰ جتوئي سان ملاقات ڪئي آهي. جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان ڪراچي ۾ جي ڊي اي اڳواڻ غلام مرتضيٰ جتوئي جي رهائشگاهه تي پهتو، جتي سيد راشد شاهه، معظم عباسي، حسنين مرزا، مسرور جتوئي، راشد محمود سومرو ۽ ٻيا سياسي اڳواڻ پڻ موجود هئا. ملاقات دوران اڳواڻن وچ ۾ سنڌ جي موجوده سياسي صورتحال سميت گڏيل دلچسپي وارن مختلف معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا *** 03

ترقياتي منصوبن ۽ انتظامن بابت اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس دوران نائب وزيراعظم داتا دربار تي جاري ترقياتي ۽ سجاوٽ وارن ڪمن جي تعريف ۽ مزار جي روحاني ۽ معماري حسن کي وڌيڪ اجاگر ڪرڻ لاءِ تيار ڪيل خطاطي جي تجويز ڪيل مسودي جي منظوري به ڏني. اجلاس ۾ سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو نبيل جاويد ۽ ٻين لاڳاپيل اعليٰ اختيارين شرڪت ڪئي. نائب وزيراعظم چيو ته داتا دربار پاڪستان جي روحاني عظمت ۽ تهذيبي ورثي جي روشن علامت آهي. هن اجلاس دوران غسل پروگرام جي پڻ منظوري ڏني ۽ لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته زائرين ۽ عقيدتمندن جي سهولت لاءِ مثالي ۽ مربوط انتظامن کي يقيني بڻايو وڃي. هن زور ڀريو ته روحاني تقريب دوران ايندڙ زائرين کي پرسڪون، منظم ۽ روح پرور ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا وڃن. اجلاس کي خطاب ڪندي سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو نبيل جاويد چيو ته پنجاب حڪومت داتا دربار جي تاريخي ۽ روحاني عظمت کي برقرار رکندي جديد سهولتن جي فراهمي لاءِ جامع ترقياتي منصوبن تي عمل ڪري رهي آهي. هن چيو ته منصوبا اعليٰ معيار جي پيشيوارانه مهارت سان جاري آهن ته جيئن زائرين کي بهترين سهولتون فراهم ڪري سگهجن. سيڪريٽري ۽ چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف پنجاب ڊاڪٽر احسان ڀٽہ اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته اوقاف کاتو داتا دربار جي صفائي، روشني، تحفظ، رهائش وارن انتظامن سميت ٻين ڪيترن ئي پلاڻي ترقياتي وارن قدمن تي تيزي سان ڪم ڪري رهيو آهي. هن چيو ته غسل پروگرام جي موقعي تي سڄي ملڪ مان آيل عقيدتمندن جي بهترين ميزباني ۽ سهولتن لاءِ غير معمولي انتظامن کي حتمي شڪل ڏني پئي وڃي.

بقايا *** 04

راضي ۽ بريگيڊيئر محمد منير شامل هئا. ملاقات ۾ ٻنهي ملڪن جي گهرو وزارتن وچ ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو. گهرو وزارت پاران جاري پڌرائي مطابق ان موقعي تي سيڪيورٽي، دهشتگردي جي خاتمي، منشيات جي روڪٿام، سائبر ڪرائم ۽ سيف سٽي جي شعبن ۾ شراڪت کي هٿي ڏيڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي نيشنل پوليس اڪيڊمي ۽ مصر جي پوليس اڪيڊمي وچ ۾ آفيسرن جي گڏيل ٽريننگ لاءِ سهڪار وڌائڻ جو به فيصلو ڪيو ويو. ملاقات دوران ڳالهائيندي وفاقي گهرو وزير چيو ته مصري وفد جو دورو ٻه طرفا سهڪار جا نوان رستا کولڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. مصر سان لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويندا. گهرو معاملن بابت وفاقي وزير محسن نقوي چيو ته گڏيل مفادن جي شعبن ۾ سهڪار لاءِ نوان موقعا کولڻ لاءِ پاڪستاني وفد جلدي مصر جو دورو ڪندو. ٻنهي ملڪن جي گهرو وزارتن وچ ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ سان ٻه طرفا لاڳاپا مستحڪم ٿيندا. گهرو معاملن بابت مملڪتي وزير طلال چوڌري ملاقات دوران چيو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ دهشتگردي جي خاتمي، منشيات جي روڪٿام ۽ داخلي سلامتي جي شعبن ۾ سهڪار جا وسيع موقعا موجود آهن. مصري وفد چيو ته اينٽي نارڪوٽڪس فورس، اين پي اي سميت مختلف ادارن جا دورا انتهائي فائدي مند رهيا آهن ۽ ٻئي ملڪ مختلف شعبن ۾ هڪ ٻئي جي تجربن مان فائدو کڻي سگهن ٿا. وفاقي گهرو وزير محسن نقوي پنهنجي مصري هم منصب لاءِ نيڪ خواهشن جو پيغام ڏنو ان موقعي تي گهرو سيڪريٽري ۽ اعليٰ عملدار به موجود هئا.

بقايا *** 05

سان پنهنجو فرض ادا ڪري سگهن. وزارت پاران جاري ڪيل هدايتن ۾ حرم شريف جي مختلف هنڌن جي وضاحت ڪئي وئي آهي، مسجد الحرام ۾ ڪهڙن رستن مان داخل ٿين، انهن ٽريڪس بابت به وضاحت ڪئي وئي آهي جن ذريعي ڪعبي جي طواف ۽ سعي لاءِ آساني سان پهچي سگهجي ٿو.

بقايا *** 06

سپريم ڪائونسل آف ٽريڊرز ۽ ڪمشنر ڪراچي جي وچ ۾ رابطن جو مستقل نظام قائم ڪيو ويندو. واپاري نشاندهي ڪن، غفلت جا مرتڪب انتظامي اهلڪارن خلاف به ڪاروائي ڪئي ويندي. لاڪ ڊائون ۽ تجاوزات جي حوالي سان واپاري پاڻ به سهڪار ڪن ۽ پنهنجي مارڪيٽن ۾ قانون تي سختي سان عمل ڪرائن. جائز ۽ ممڪن شڪايتن جو فوري ازالو ڪيو ويندو. انهن خيالن جو اظهار ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي اڄ واپاري اڳواڻ عتيق مير جي خلاف جاري آپريشن کي ساراهيندي تجويز ڏني ته مارڪيٽن جي نمائندن سان مشاورت ۽ رابطن ذريعي تجاوزات خلاف آپريشن کي وڌيڪ بهتر ۽ مؤثر بڻايو وڃي. واپارين اهو به چيو ته شهر ۾ تجاوزات جو سبب بڻجندڙ ٺيلهن ۽ پٿارن لاءِ اهڙا زون قائم ڪيا وڃن، جن سان ٽريفڪ جي رواني متاثر نه ٿئي. واپارين ڪمشنر ڪراچي سان انتظاميه جي ڪجهه آفيسرن جي من مانيين بابت شڪايتون پڻ ڪيون، جنهن جي جواب ۾ ڪمشنر ڪراچي واپارين کي يقين ڏيارايو ته تجاوزات جي بنياد تي سيل ڪيل دڪان معمولي ڏنڊ جي ادائيگي تي 24 ڪلاڪن اندر ڊي سيل ڪيا ويندا. هن واپارين کي صلاح ڏني ته شڪايتن جي فوري ازالي لاءِ ڪمشنر ڪراچي جي شڪايت پورٽل تي پنهنجون تجويزون ۽ شڪايتون داخل ڪن.

بقايا *** 07

6 هزار 224 حج پانڌيئڙا سعودي عرب پهچي ويا آهن. جنهن ڪانپوءِ مقدس هنڌ موجود پاڪستاني پانڌيئڙن جو مجموعي انگ 90 هزار 976 تي ويو آهي، اهو انگ پاڪستان جي مجموعي سرڪاري حج ڪوٽا جو 77 سيڪڙو آهي. مذهبي معاملن واري وزارت جي ترجمان عمر بٽ مطابق هن وقت تائين پاڪستان جي مختلف شهرن مان مديني شريف ۾ 164 ۽ مڪي شريف ۾ 174 اڏامون لينڊ ڪري چڪيون آهن. سعودي عرب پهچڻ وارن مجموعي پانڌيئڙن مان 94 سيڪڙو هن وقت مڪي شريف جڏهن ته 6 سيڪڙو مديني شريف ۾ ترسيل آهن. گذريل ڏينهن پاڪستان مان وڌيڪ 777 حج پانڌيئڙا مديني شريف پهتا جتي هو 8 ڏينهن ترسندا. جڏهن ته 22 هزار 204 پانڌيئڙا مديني شريف ۾ 8 ڏينهن ترسڻ بعد مڪي شريف پهچي چڪا آهن. اهڙي طرح مديني کان مڪي منتقلي بعد مڪي شريف پهچندڙ پانڌيئڙن جو انگ 35 هزار 249 تي ويو آهي جڏهن ته 42 هزار 572 پانڌيئڙا پاڪستان مان سڌي ريت مڪي شريف پهتا آهن. مذهبي معاملن واري وزارت جي انگن اکرن مطابق حج پانڌيئڙن جي خدمت، رهنمائي ۽ طبي سهولتن جي فراهمي لاءِ 98 سيڪڙو خدام الحجاج، 93 سيڪڙو ايس ڊي اي، ٽيڪنيڪل اسٽاف ۽ 87 سيڪڙو ميڊيڪل اسٽاف پنهنجون ذميواريون سنڀالي ورتيون آهن. مسجد الحرام جي داخلي هنڌن تي مقرر حرم گائيڊز هن وقت تائين 17 هزار 768 حج پانڌيئڙن جي رهنمائي ڪئي آهي جڏهن ته مديني شريف ۾ 35 هزار 58 حج پانڌيئڙن کي رياض الجنہ جي زيارت ڪرائي وئي آهي. پاڪستاني پانڌيئڙن جي رهائش گاهن مان حرم شريف تائين عمري، عبادت ۽ نمازن جي ادائگي لاءِ اچ وڃ لاءِ ٽرانسپورٽ سروس کي وڌيڪ بهتر ڪيو ويو آهي. گذريل ڏينهن ان سروس ۾ وڌيڪ 45 بسن جو اضافو ڪيو ويو آهي، جنهن ڪانپوءِ هن وقت تائين مجموعي طور تي 416 بسن ذريعي حج پانڌيئڙن کي 24 ڪلاڪ پڪ اينڊ ڊراپ جون بهترين سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن.

بقايا *** 08

ن مڪمل ڪري ورتيون آهن. پرڏيهي خبرو اداري مطابق شينزو-23 خلائي جهاز کي لانگ مارچ-2 ايف راڪيٽ سان لانچنگ ايريا ۾ منتقل ڪيو ويو آهي. چيني اختيارين جو چوڻ آهي ته خلائي جهاز کي جلد ئي مناسب وقت تي خلا ۾ روانو ڪيو ويندو. ان مشن ذريعي چين پنهنجي خلائي پروگرام کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ ۽ خلائي تحقيق ۾ نئين اڳڀرائي حاصل ڪرڻ جو خواهشمند آهي. ماهرن مطابق شينزو-23 مشن چين جي خلائي اسٽيشن پروگرام جو اهم حصو سمجهيو پيو وڃي.

بقايا *** 09

اچي جي مختلف عدالتن ۾ پيش ڪيو ويو، جتي ڪراچي سينٽرل جي عدالت کيس 7 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو آهي. عدالت ايس آءِ يو ٿاڻي تي داخل ڪيس ۾ پنڪي جو 22 مئي تائين جسماني ريمانڊ منظور ڪيو. ٻئي پاسي ملير جي عدالت منشيات ڪيس ۾ پنڪي جي ريمانڊ واري درخواست رد ڪندي کيس جيل موڪلڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ۽ 14 ڏينهن اندر ڪيس جو چالان پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. پوليس ملير جي عدالت پاران ريمانڊ رد ڪرڻ واري فيصلي کي چئلينج ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. ياد رهي ته پوليس طرفان انمول عرف پنڪي کي ٻنهي عدالتن ۾ هٿڪڙيون هڻي سخت سيڪيورٽي هيٺ پيش ڪيو ويو هو.

بقايا *** 10

ي ڪندي الرٽ جاري ڪري ڇڏيو آهي. نيشنل ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي 18 کان 23 مئي تائين ملڪ جي مختلف حصن ۾ امڪاني موسم جي صورتحال جو تفصيلي جائزو جاري ڪري ڇڏيو. اين ڊي ايم اي سنڌ لاءِ الرٽ جاري ڪندي ٻڌايو آهي ته سڄي صوبي ۾ موسم شديد گرم ۽ خشڪ رهڻ جو امڪان آهي. سنڌ جي ضلعن ۾ گرمي پد ۾ مسلسل واڌ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي، جنهن ڪري شهرين کي هيٽ ويو کان بچڻ لاءِ احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. اين ڊي ايم اي چيو آهي ته ملڪ ۾ جاري موسم جي صورتحال نيشنل ايمرجنسي آپريشنز سينٽر طرفان جاري ڪيل اڳواٽ الرٽس پٽاندر آهي. نئين الرٽ ۾ چيو ويو آهي ته ملڪ جي مٿانهن ۽ وچين علائقن ۾ برساتن ۽ ڳڙي پوڻ، جڏهن ته ڏاکڻين حصن ۾ شديد گرمي جي لهر (هيٽ ويو) جو امڪان آهي. اين ڊي ايم اي جو چوڻ هو ته 19 کان 22 مئي دوران پنجاب جي مختلف ضلعن ۾ آنڌاري، گجگوڙ سان گڏ برسات ۽ ڪٿي ڪٿي ڳڙي پوڻ جو امڪان آهي. ان دوران راولپنڊي، اسلام آباد، مري، اٽڪ، چڪوال، لاهور، سيالڪوٽ، قصور، ملتان ۽ انهن جي ڀرپاسي وارا علائقا متاثر ٿي سگهن ٿا. خيبرپختونخوا جي مختلف ضلعن سميت چترال، سوات، پشاور، بنون، ايبٽ آباد، مانسهرا ۽ لنڊي ڪوتل ۾ آنڌاري ۽ ڪجهه هنڌن تي ڳڙي سان برسات جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. اهڙي طرح گلگت بلتستان جي علائقن گلگت، اسڪردو، هنزا، استور ۽ آزاد ڪشمير جي مظفرآباد، نيلم ويلي، باغ، ڪوٽلي ۾ به مختلف هنڌن تي گجگوڙ سان گڏ برسات ۽ ڳڙي پوڻ جو امڪان آهي. بلوچستان جي حوالي سان اين ڊي ايم اي جو چوڻ آهي ته 19 کان 22 مئي دوران ڪوئيٽا، ژوب، زيارت، چمن ۽ خضدار جي علائقن ۾ تيز هوا سان گڏ برسات ۽ ڳڙي جو امڪان آهي. پر صوبي جي ٻين ضلعن ۾ موسم مجموعي طور تي شديد گرم رهندي ۽ گرمي جي شدت ۾ وڌيڪ واڌارو ٿيندو. اين ڊي ايم اي سمورن صوبائي ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽيز ۽ ضلعي انتظاميا کي الرٽ رهڻ ۽ آبادگارن کي ڳڙي توڙي آنڌاري کي نظر ۾ رکندي اڳواٽ قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي آهي.

بقايا *** 11

م ميمڻ جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته هاڻي ڪاروباري مرڪز اڳوڻين پابندين کان سواءِ معمول موجب پنهنجي مقرر ڪيل وقت تائين ڪم جاري رکي سگهندا. واضح رهي ته حڪومت مارڪيٽن، ريسٽورنٽس ۽ شادي هالن لاءِ مخصوص وقت توانائي جي تحفظ ۽ ڪفايت شعاري جي پاليسي تحت مقرر ڪيو هو. واپارين ۽ صنعتڪارن جي تجويزن، مسئلن ۽ زميني حقيقتن کي نظر ۾ رکندي سنڌ حڪومت اهو فيصلو ڪيو آهي ته جيئن ڪاروباري سرگرميون متاثر نه ٿين.

بقايا *** 12

3.5 ملين رپيا معاوضي طور ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ٻڌڻي دوران درخواستگذار جي وڪيل چيو ته شهري شيخ سعد 2019 ۾ برسات دوران بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو هو. علائقي جي رهواسين پاران ڪي-اليڪٽرڪ کي پول ۾ ڪرنٽ بابت شڪايتن جي باوجود ڪا به ڪارروائي نه ڪئي وئي. ڪي-اليڪٽرڪ بجلي جي نظام ۽ تنصيبات کي صحيح طرح سان برقرار رکڻ ۾ ناڪام رهيو. ڪي-اليڪٽرڪ جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته لاڳاپيل تلهو ڪي-اليڪٽرڪ جي ملڪيت نه هو. هڪ خانگي جنريٽر جي تارن مان ڪرنٽ خارج ٿي رهيو هو. ڪي-اليڪٽرڪ جون تنصيبون مڪمل طور تي محفوظ آهن. ۽ فوت ٿيل شهري خطرناڪ هنڌ جي ويجهو وڃي پنهنجي جان خطري ۾ وجهي. عدالت چيو ته بجلي سان لاڳاپيل اداري تي عوام جي حفاظت جي غير معمولي ذميواري آهي. پولن تي ٻين ادارن جي تارن جي موجودگي ڪي-اليڪٽرڪ کي ان جي ذميواري کان آزاد نٿي ڪري سگهي. بجلي جي ٽرانسميشن سسٽم ۽ عوامي هنڌن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ ڪي-اليڪٽرڪ جي ذميواري آهي. عدالت چيو آهي ته عوامي جڳهه تي لڳل پول ۾ بجلي جي موجودگي پاڻ ۾ لاپرواهي جو ثبوت آهي. ٻار کي بچائڻ جي فوت ٿيل شخص جي ڪوشش کي مڪمل لاپرواهي نه ٿو سمجهي سگهجي. قانون انساني زندگي بچائڻ جي ڪوشش تي نرمي سان ڏسندو آهي. ڪي اليڪٽرڪ کي 90 ڏينهن اندر دعويدارن کي نقصان ادا ڪرڻ گهرجي.

بقايا *** 13

گ سينٽرن، هوٽلن ۽ ريسٽورنٽ تي وقت سان لاڳاپيل پابنديون هٽائي ڇڏيون ويون آهن. سنڌ حڪومت جي ڪفايت شعاري پاليسي تحت گذريل مهيني جاري ڪيل نوٽيفڪيشن هٽائي ڇڏيو آهي. نئين نوٽيفڪيشن موجب، سڀئي دڪان، مارڪيٽون ۽ شاپنگ مال معمول مطابق ڪم ڪندا. ان کان اڳ، پنجاب ۾ رات 8 وڳي تائين ڪاروباري ڪلاڪن تي پابندي 1 جون تائين ختم ڪئي وئي هئي. پنجاب حڪومت 1 جون تائين ڪاروباري ڪلاڪن ۾ نرمي ڪئي آهي، رات 8 وڳي تائين ڪاروباري ڪلاڪن تي پابندي هٽائي وئي آهي، اهو فيصلو صوبي جي مارڪيٽن، شاپنگ مالز، هوٽلن، کاڌي پيتي جي دڪانن ۽ ريسٽورنٽ تي لاڳو ٿيندو.

بقايا *** 14

جو اجلاس اڄ 17 مئي آچر ڏينهن 29 ذوالقعد تي طلب ڪيو ويو آهي، چنڊ جي رويت ڪان پوءِ عيدالاضحيٰ جي تاريخ جو به فيصلو ٿي ويندو. مذهبي معاملن واري وزارت جي ترجمان جو چوڻ آهي ته اجلاس پاڪستان ميٽرولوجيڪل ڊپارٽمينٽ ڪراچي ۾ طلب ڪيو ويو آهي. چيئرمين مرڪزي رويت هلال ڪميٽي مولانا سيد محمد عبدالخبير آزاد اجلاس جي صدارت ڪندو.

بقايا *** 15

رپورٽ موجب انمول عرف پنڪي کي چهرو ڍڪي سخت سيڪيورٽي هيٺ سٽي ڪورٽ ڪراچي آندو ويو جنهن کان پوءِ ڪيس جوڊيشل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو پنڪي عدالت ۾ پيشي جي دوران گوڙ ڪيو ۽ چيو ته مون کي 22 ڏينهن کان مختلف جڳهن تي رکيو ويو آهي، مون کي لاهور مان گرفتار ڪري وين ۾ آندو ويو، منهنجي خلاف ڪوڙا ڪيس ٺاهيا ويا آهن جڏهن ته منهنجي مٿان تشدد پڻ ڪيو ويو آهي. مون سان ظلم ٿي رهيو آهي. 6 ماڻهو مون کي گاڏي ۾ وجهي کڻي آيا، 15 ڏينهن کان پوءِ مون کي پوليس جي حوالي ڪيو ويو مون کي زور زبردستي ماڻهن جا نالا چورايا پيا وڃن مون کي چيو پيو وڃي ته جيڪي اسان نالا ٻڌائي رهيا آهيون، انهن سڀني جا نالا کڻو اهڙي طرح ٻني ڳالهه جي هڪ ماڻهو جو نالو کنيو پيو وڃي، مون کي چيو پيو وڃي ته انهي جو نالو کڻو پهرين ڏينهن مون کي وين ۾ آندو ويو هو. جتان مون کي گرفتار ڪيو ويو اهو گهر به منهنجو نه هو انهي موقعي تي عدالت گرفتار عورت پنڪي کي يقين ڏياريندي چيو ته عدالت ۾ اوهان کي ڪير به هراسان نٿو ڪري سگهي، اوهان جو ۽ اوهان جي وڪيل جو مڪمل موقف ٻڌو ويندو. انمول عرف پنڪي عدالت ۾ چيو ته منهنجي خلاف 20 کان 25 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. چيو پيو وڃي ته اوهان سڀ ڪجهه قبول ڪريو، ٻئي صورت ۾ اوهان جي گهر ڀاتين کي ڪٽي ويندا سين. ٻڌڻي جي دوران عدالت جاچ آفيسر کان سوال ڪيو ته 3 ڏينهن جو ريمانڊ مليو هو، ڪيس ۾ ڪهڙي اڳڀرائي ٿي آهي، جنهن تي جاچ آفيسر ٻڌايو ته 7 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، گرفتار عورت جي نشاندهي تي ريڪوري ٿي رهي آهي پر گرفتار عورت مطمئن ڪندڙ جواب نه ڏئي رهي آهي. ڳالهين کي گهمائي ڦرائي رهي آهي. عدالت جاچ آفيسر کان پڇائو ڪيو ته ملزم جو پهريون آرڊر ڪٿي آهي؟ جاچ آفيسر جواب ڏنو ته پهريون آرڊر پوليس موبائل ۾ موجود آهي جنهن تي عدالت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته اها انويسٽيگيشن آهي اوهان جي. جاچ آفيسر آفيسر عدالت کي ٻڌايو ته 3 ڪيس آهن، عدالت سگهوري کي صحيح طريقي سمجهائي نه سگهيو آهيان، پنڪي اڄ تائين پڪڙي نه وئي هئي، ڪيتري وقت کان ڪم ڪري رهي آهي، يونيورسٽين ۾ نسلون تباهه ڪيون ويون آهن. 600 ماڻهن جا نمبر مليا آهن جن کي منشيات سپلائي ٿي رهي هئي ملزم جي گينگ ۾ پرڏيهي به شامل آهن. جاچ آفيسر وڌيڪ ٻڌايو ته عورت تمام گهڻي شاطر دماغ آهي، هر ڀيري بيان تبديل ڪري رهي آهي. اڄ به عدالت ۾ پيشي جي لاءِ آڻڻ دوران هن چيو ته اوهان مون کي سڃاڻو ٿا، منهنجو نالو پنڪي آهي. عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ پنڪي جي جسماني ريمانڊ جي درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو

بقايا *** 16

3.5 ملين رپيا معاوضي طور ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ٻڌڻي دوران درخواستگذار جي وڪيل چيو ته شهري شيخ سعد 2019 ۾ برسات دوران بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو هو. علائقي جي رهواسين پاران ڪي-اليڪٽرڪ کي پول ۾ ڪرنٽ بابت شڪايتن جي باوجود ڪا به ڪارروائي نه ڪئي وئي. ڪي-اليڪٽرڪ بجلي جي نظام ۽ تنصيبات کي صحيح طرح سان برقرار رکڻ ۾ ناڪام رهيو. ڪي-اليڪٽرڪ جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته لاڳاپيل تلهو ڪي-اليڪٽرڪ جي ملڪيت نه هو. هڪ خانگي جنريٽر جي تارن مان ڪرنٽ خارج ٿي رهيو هو. ڪي-اليڪٽرڪ جون تنصيبون مڪمل طور تي محفوظ آهن. ۽ فوت ٿيل شهري خطرناڪ هنڌ جي ويجهو وڃي پنهنجي جان خطري ۾ وجهي. عدالت چيو ته بجلي سان لاڳاپيل اداري تي عوام جي حفاظت جي غير معمولي ذميواري آهي. پولن تي ٻين ادارن جي تارن جي موجودگي ڪي-اليڪٽرڪ کي ان جي ذميواري کان آزاد نٿي ڪري سگهي. بجلي جي ٽرانسميشن سسٽم ۽ عوامي هنڌن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ ڪي-اليڪٽرڪ جي ذميواري آهي. عدالت چيو آهي ته عوامي جڳهه تي لڳل پول ۾ بجلي جي موجودگي پاڻ ۾ لاپرواهي جو ثبوت آهي. ٻار کي بچائڻ جي فوت ٿيل شخص جي ڪوشش کي مڪمل لاپرواهي نه ٿو سمجهي سگهجي. قانون انساني زندگي بچائڻ جي ڪوشش تي نرمي سان ڏسندو آهي. ڪي اليڪٽرڪ کي 90 ڏينهن اندر دعويدارن کي نقصان ادا ڪرڻ گهرجي.

بقايا *** 17

ٿيا ۽ انهن کي ڏکي تڪليف ۽ مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پيو. عالمي نڪبہ ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ صدر آصف علي زرداري چيو ته فلسطيني عوام لاءِ نڪبہ صرف تاريخ جو هڪ بند باب نه آهي پر هڪ مسلسل حقيقت آهي، جيڪا قبضي، بي گهر ڪرڻ، محرومي ۽ بنيادي حقن کان انڪار جي صورت ۾ اڄ به جاري آهي. پاڪستان سدائين فلسطيني عوام سان گڏ بيٺو آهي ۽ گڏيل قومن سميت ٻين عالمي فورمن تي انهن جي جائز ۽ هٿ نه کٽڻ جهڙن حقن لاءِ آواز بلند ڪندو رهيو آهي. پاڪستان جو موقف انصاف، عالمي قانونن ۽ گڏيل قومن جي لاڳاپيل قراردادن جي اصولن تي ٻڌل آهي. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، صدر چيو ته هن اهم ڏينهن تي، پاڪستان عالمي برادري کان مطالبو ڪري ٿو ته فلسطيني عوام، خاص طور تي فلسطيني پناهگيرن جي مسلسل حمايت کي يقيني بڻايو وڃي. قرارداد 194 تحت تسليم ٿيل فلسطيني پناهگيرن جي واپسي جي حق کي اڄان تائين عملي جامعو نه پارايو ويو آهي، جنهن کي يقيني بڻائڻ گهرجي. پاڪستان غزه ۾ فوري، غير مشروط ۽ پائيدار جنگ بندي، فلسطيني عوام کي انساني امداد جي بنا رڪاوٽ فراهمي، ۽ اسرائيل جي قدمن جي احتساب جي پنهنجي مطالبي کي ورجائي ٿو. پاڪستان هڪ قابل عمل، آزاد ۽ جاگرافيائي طور تي لڳولڳ فلسطيني رياست جي قيام جي حمايت جاري رکندو جيڪا 1967ع کان اڳ جي سرحدن تي ٻڌل هجي ۽ القدس الشريف ان جي گادي جو هنڌ هجي. صدر چيو ته هن ڏينهن تي پاڪستان سڀني قومن کان پرزور مطالبو ڪري ٿو ته اهي عالمي قانون جو احترام ڪن، فلسطيني عوام جي جائز حقن جي حمايت ڪن ۽ فلسطيني مسئلي جي منصفاڻي، پائيدار ۽ جامع حل لاءِ گڏيل ڪوششون ڪن. پاڪستان فلسطيني عوام سان هٿ نه کٽڻ وارن حقن، جن ۾ خود مختياري جو حق ۽ هڪ آزاد رياست جي قيام تائين انهن سان مُڪمل يڪجهتي جاري رکندو.

بقايا *** 18

جي ايران سان تڪرار جي ڪري علائقائي سپلاءِ ۾ خلل جي وچ ۾ وڌندڙ بجلي جي کوٽ کي روڪڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون آهن. ان سلسلي ۾، پاڪستان ڪالهه قطر کان مائع قدرتي گئس (ايل اين جي) جو پنهنجو ڪارگو حاصل ڪيو، جيڪو ٽن ڏينهن ۾ قطر کان پاڪستان پهچڻ وارو ٻيو ڪارگو هو. اختيارين موجب، ايل اين جي ڪيريئر "محزم"، جيڪو تقريباً 160,000 ڪيوبڪ ميٽر ايل اين جي کڻي وڃي رهيو هو، پورٽ قاسم، ڪراچي ۾ پاڪستان گيس پورٽ ڪنسورشيم لميٽيڊ جي ٽرمينل 1 تي لنگر انداز ٿيو. ان کان اڳ 13 مئي تي، ڪيو-فلڪس ايل اين جي ڪيريئر "الخريطيات" اينگرو ايل اين جي ٽرمينل تي لنگر انداز ٿيو.

بقايا *** 19

ي، جن مان 215 ارب رپين جا نوان ٽيڪس ۽ 115 ارب رپيا ٽيڪس انفورسمينٽ ذريعي گڏ ڪيا ويندا مالي سال پيٽروليم ليوي جي مد ۾ عوام کان 1727 ارب رپيا اوڳاڙڻ جو امڪان آهي. آءِ ايم ايف جي نين شرطن (اسٽرڪچرل بينچ مارڪ) ۾ ايندڙ مالي سال جي وفاقي بجيٽ جي پارليامينٽ مان منظوري، ڪرپشن جي خاتمي ۽ سرڪاري خريدارين جي فريم ورڪ جي مضبوطي، ٽيڪس ريونيو انتظاميا ۾ بهتري، پاڪستان جي غير مشروط ڪيش ٽرانسفر پروگرام (ڪفالت پروگرام) جي سسٽم کي برقرار رکڻ، ڪرنسي اڪسچينج جي هورين هورين خودمختاري لاءِ روڊ ميپ جي تياري ۽ ريگيوليٽري شفافيت ۾ واڌ جهڙيون اهم شرطون پڻ شامل آهن. عالمي مالياتي اداري جي نين شرطن ۾ پيپرا رولز ۾ ترميمون، نيب جي خودمختاري ۽ شفافيت ۾ واڌ ڪرڻ، توانائي جي شعبي ۾ گئس ۽ بجلي جي سالياني ۽ ڇهه ماهي واڌ جا نوٽيفڪيشن، اسپيشل اڪنامڪ زونز جي 2035 تائين مراعتن جو مڪمل خاتمو ۽ وفاقي حڪومت توڙي اسلام آباد لاءِ ڪاروبار جي ريگيوليشن لاءِ پاڪستان ريگيوليٽري رجسٽري جو قيام به شامل آهي.

بقايا *** 20

ميٽرڪ ٽيڪ انيشيٽو ۾ تعليمي سيشن 27-2026ع ۾ داخلائن ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي جنهن سان ٽيڪنيڪل ۽ مهارت تي ٻڌل تعليم ۾ شاگردن جي وڌندڙ دلچسپي ظاهر ٿئي ٿي. فيڊرل ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن (ايف ڊي اي) موجب پروگرام تحت داخلا 772 مان وڌي 1,617 تائين پهچي وئي آهي جنهن سان شروع ڪيل قدمن جي ڪاميابي جي عڪاسي ٿئي ٿي. اهو پروگرام شاگردن کي جديد ٽيڪنيڪل مهارت ۽ ڪيريئر جا بهتر موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ ڊيزائن ڪيو ويو آهي جيڪو عملي ۽ صنعت تي مشتمل ڪورسز جي هڪ وسيع رينج پيش ڪري ٿو. ايف ڊي اي عملدارن جو چوڻ آهي ته ان قدم جو مقصد هينڊز آن ٽريننگ فراهم ڪرڻ ۽ شاگردن کي مارڪيٽ سان لاڳاپيل تعليم ۽ هنر ذريعي ڪيريئر لاءِ تيار ڪرڻ آهي.

بقايا *** 21

آهن. جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو متانهون وهڪرو 54 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 70 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو متانهون وهڪرو 34 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 34 هزار 500 هزار ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو متانهون وهڪرو 1 لک 13 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 1 لک 13 هزار 200 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو متانهون وهڪرو 36 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 26 هزار ڪيوسڪ، چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو متانهون وهڪرو 20 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 6 هزار 400 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. ٻئراجن جي جاري ڪيل انگن اکرن موجب گڊو وٽ پاڻي جو متانهون وهڪرو 60 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 58 هزار 700 ڪيوسڪ، سکر ٻئراج ۾ پاڻي جو متانهون وهڪرو 53 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 17 هزار 500 ڪيوسڪ جڏهن ته ڪوٽڙي ٻئراج ۾ پاڻي جو متانهون وهڪرو 11 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو ٻڙي ڪيوسڪ رهيو. آبي ذخيرن جي صورتحال مطابق تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1451.50 فوٽ ۽ ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ، استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 1.060 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1164.05 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 2.298 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمہ ٻئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 645.40 فوٽ ٻئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.154 ملين ايڪڙ فوٽ رڪارڊ ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 22

ل والٽز دعويٰ ڪئي آهي ته صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي بيجنگ جي دوري کان پوءِ چين ايران کان پوئتي هٽڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. گڏيل قومن ۾ خطاب ڪندي مائيڪل والٽز چيو ته چين ايران جي ايٽمي هٿيار نه ٺاهڻ ۽ آبنائي هرمز تي ٽول ٽيڪس نه لڳائڻ تي اتفاق ڪري ورتو آهي. مائيڪل والٽز دعويٰ ڪندي اهو به چيو ته صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي بيجنگ جي دوري کان پوءِ چين ايران کان پوئتي هٽڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. ٻئي طرف گڏيل قومن ۾ چين جي سفير چيو آهي ته آبنائي هرمز بابت سلامتي ڪونسل ۾ آمريڪي قرارداد جو متن ۽ وقت مناسب نه آهي. هن چيو ته هن وقت ٻنهي ڌرين کي سنجيده ۽ نيڪ نيتي تي ٻڌل ڳالهين تي راضي ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهڙي صورتحال ۾ قرارداد منظور ڪرڻ مددگار ثابت نه ٿيندي.

بقايا *** 23

پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب، اڄ في تولو سون 600 رپيا سستو ٿيڻ سان 4 لک 76 هزار 262 رپين جو ٿي ويو آهي. ايسوسيئيشن موجب، ملڪ ۾ 10 گرام سون جي قيمت 515 رپيا گهٽجي 4 لک 8 هزار 317 رپيا ٿي وئي آهي. ٻئي پاسي عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو اگهه 6 ڊالر لاٿ سان 4539 ڊالر في اونس تي ويو آهي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن في تولي سون جي اگهه ۾ 15500 رپيا لاٿ رڪارڊ ڪئي وئي هئي.

بقايا *** 24

اري جي ڪري طلاق ۽ خلع جو رجحان وڌي رهيو آهي. فيملي ڪورٽن ۾ ڪيسن جو انگ تيزي سان وڌي رهيو آهي. ذريعن موجب فيملي ڪورٽن ۾ روزانو 300 کان وڌيڪ ڪيس داخل ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن. جڏهن ته في ڪلاڪ ۾ سراسري طور تي خلع/غيرنقي جا 38 ڪيس داخل ٿي رهيا آهن. هن سال خلع جي ڪيسن جو انگ 45 هزار کان وڌي ويو آهي. وفاقي راڄڌاني ۾ هر مهيني 9 هزار کان وڌيڪ نوان ڪيس رجسٽر ٿي رهيا آهن.

بقايا *** 25

ته ملڪ ۾ مهانگائي جي شرح ايندڙ وقت ۾ وڌي تقريبن 7 سيڪڙو تائين پهچي سگهي ٿي، پر ايندڙ سال جي ٻئي ٽماهي ۾ انهي ۾ گهٽتائي اچڻ شروع ٿي ويندي. اسٽيٽ بينڪ جي گورنر جميل احمد ڪراچي ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته هلندڙ مالي سال جي پهرين 9 مهينن جي دوران ملڪي معيشت ۾ 3.7 سيڪڙو شرح واڌ رڪارڊ ڪئي وئي. هن چيو ته مهانگائي جي دٻاءُ ۾ اضافي جو رجحان برقرار رهي سگهي ٿو پر مستقبل ۾ معاشي استحڪام جا اثر به سامهون اچي رهيا آهن هن چيو ته جون 2028 تائين ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن جي لاءِ فنانسنگ جو حجم وڌائي 1500 ارب روپين تائين کڻي وڃڻ جو حدف مقرر ڪيو ويو آهي. هن چيو ته گڏيل قرضن جي حجم ۾ اضافو ٿيو آهي جنهن سان اندروني قرض وڌيو جڏهن ته ٻاهرين قرضن ۾ گهٽتائي ڏٺي وئي آهي. اسٽيٽ بينڪ جي گورنر ٻڌايو ته برآمدات ۾ گهٽتائي جو هڪ ٻيو وڏو سبب عالمي معاشي صورتحال آهي. هلندڙ مالي سال ۾ برآمدي حدف ۾ تقريبن 2 ارب روپين جي گهٽتائي ٿي. هن وڌيڪ چيو ته نون ڪرنسي نوٽن جي تياري تي ڪم جاري آهي، انهي حوالي سان حڪومتي منظوري جو عمل به آخري مرحلي ۾ آهي.

بقايا *** 26

و ادا ڪيو آهي. پرڏيهي خبرو اداري جي رپورٽ موجب، صدر پزشڪيان چيو ته پوپ ليو آمريڪي حملن خلاف اخلاقي، منطقي ۽ منصفاڻو موقف اختيار ڪيو. ايراني صدر جو چوڻ هو ته اهي حملا ان وقت ڪيا ويا جڏهن تهران ۽ واشنگٽن وچ ۾ ڳالهيون هلي رهيون هيون.

بقايا *** 27

پوءِ پيٽرول جي نئين قيمت 409 روپيہ 78 پئسا في ليٽر ٿي وئي، ڊيزل جي قيمت ۾ به 5 روپيہ في ليٽر گهٽتائي ڪئي وئي آهي جنهن کان پوءِ ڊيزل جي نئين قيمت 409 روپيہ 58 پئسا في ليٽر ٿي وئي آهي. ٻئي طرف پيٽروليم ڊويزن جي ذريعن موجب پيٽروليم تي ليوي ۾ 9 روپيہ 24 پئسا في ليٽر گهٽتائي ڪئي وئي آهي جنهن کان پوءِ پيٽرول تي في ليٽر ليوي 108 روپيہ 17 پئسا ٿي وئي. پيٽروليم ڊويزن جي ذريعن جو چوڻ آهي ته انهي کان اڳ پيٽرول تي 117 روپيہ 41 پئسا في ليٽر ليوي لاڳو ڪئي وئي هئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ڊيزل تي ليوي ۾ 9 روپيہ 40 پئسا في ليٽر اضافو ڪيو ويو آهي جنهن کان پوءِ ڊيزل تي 52 روپيہ في ليٽر ليوي لاڳو ڪئي وئي. انهي کان اڳ ڊيزل تي 42 روپيہ 60 پئسا ليوي لڳائي وئي هئي. هوڏانهن پيٽرول ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل کان پوءِ گاسليٽ جي به قيمت گهٽائي وئي آهي جنهن جو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب گاسليٽ 7 روپيہ 23 پئسا في ليٽر سستو ڪيو ويو آهي جنهن کان پوءِ نئين قيمت 311 روپيہ 73 پئسا في ليٽر ٿي وئي آهي. نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته گاسليٽ جي قيمت ۾ گهٽتائي جو اعلان اڄ کان لاڳو هوندو. انهي کان اڳ گاسليٽ جي قيمت 318 روپيہ 96 پئسا في ليٽر هئي. گذريل هفتي گاسليٽ جي قيمت ۾ 41 روپيہ 80 پئسا في ليٽر گهٽتائي ڪئي وئي هئي.

بقايا *** 28

تائي ۽ مهانگائي جي رجحانن کي ڪنٽرول ڪري پاڪستان جي معيشت کي مضبوط بڻائي سگهجي ٿو. ڇنڇر ڏينهن هڪ مقامي ٽي وي چينل سان ڳالهائيندي هن پاڪستان جي تعميري سفارتي ڪردار تي روشني وڌي ۽ چيو ته پرڏيهي پاليسي جي اثرائتن فيصلن ۽ بهتر استحڪام ۽ عالمي موقف لاءِ علائقائي شموليت جو ڪريڊٽ پاڪستان کي آهي. هن چيو ته پاڪستان جي سفارتي ڪوشش منجهيل علائقائي چئلينجن کي منهن ڏيڻ، اقتصادي نظريي کي مضبوط بڻائڻ ۽ عالمي غيريقيني صورتحال وچ ۾ متوازن لاڳاپا برقرار رکڻ ۾ مدد ڪئي آهي. هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته فعال سرگرمين پاڪستان کي گذريل ڪجهه سالن جي پيٽ ۾ وڌيڪ مستحڪم سفارتي بنيادن تي بيهاريو آهي. ڀارتي سفارتڪاري کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي هن چيو ته ڀارت جي پرڏيهي پاليسي ناڪام رهي آهي. هن دليل پيش ڪيو ته متضاد حڪمت عملين ۽ وڌندڙ علائقائي ڇڪتاڻ ڀارت جي عالمي سڃاڻپ ۽ سفارتي ساک کي سخت متاثر ڪيو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ايران آمريڪا جنگ بندي خطي ۽ خاص ڪري پاڪستان لاءِ اهم آهي. جنهن سان جاگرافيائي سياسي غيريقيني عرب امارات سان پاڪستان جا لاڳاپا شروع کان ئي مضبوط رهيا آهن. هن چيو ته پاڪستانين جو ذڪر جوڳو تعداد اتي نوڪريون ڪري ٿو ۽ اهو رجحان مسلسل وڌي رهيو آهي. پنهنجي خطاب جي پڄاڻي تي هن ايران جي تعريف ڪندي چيو ته پاڪستان تهران سان پنهنجن پراڻن ڀائراڻن لاڳاپن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو ۽ علائقائي امن ۽ گڏيل احترام جي جذبي سان ٻه طرفه تعاون کي مضبوط بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا *** 29

لاقوامي خلائي اسٽيشن (آءِ ايس ايس) لاءِ نئون تجرباتي سپلاءِ مشن ڪاميابي سان روانو ڪري ڇڏيو. پرڏيهي ميڊيا مطابق اسپيس ايڪس جو ڊريگن خلائي جهاز اٽڪل 6 هزار 500 پائونڊ سامان کڻي آمريڪي رياست فلوريڊا جي ڪيپ ڪينيورل اسپيس فورس اسٽيشن تان روانو ٿيو ناسا مطابق خلائي جهاز آچر جي صبح خودڪار نظام تحت بين الاقوامي خلائي اسٽيشن سان ڳنڍجي ويندو. مشن ذريعي خلائي اسٽيشن ۾ موجود عملي لاءِ ضروري سامان ۽ ڪيترائي سائنسي تجربا به موڪليا پيا وڃن. ناسا جو چوڻ آهي ته اهو مشن اسپيس ايڪس جو آءِ ايس ايس لاءِ 34 هون واپاري سپلاءِ مشن آهي. مشن جي روانگي پهرين خراب موسم سبب ٻه ڀيرا ملتوي ڪئي وئي هئي.

بقايا *** 30

پيا. ميڊيا رپورٽن موجب حادثو ان وقت پيش آيو جڏهن ڪجهه ماڻهو عبادت لاءِ مندر وڃي رهيا هئا. فوتين جو تعلق ڪرناٽڪ جي بلاري ضلعي سان آهي. فوتين ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل آهن. پوليس موجب حادثي ۾ زخمي ٿيل ماڻهن کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته ٽينڪر جي ڊرائيور کي تيز رفتاري ۽ غفلت جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 31

بابت خبردار ڪيو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق ڊونلڊ ٽرمپ بيجنگ ۾ چيني صدر شي جن پنگ سان ٻن ڏينهن واري سربراهي اجلاس جي پڄاڻي تي چيو ته مان نه ٿو چاهيان ته ڪا به ڌر آزادي جي معاملي تي ڳالهائي. واضح رهي ته ن واپسي دوران صحافين سان ڳالهائيندي ٽرمپ ٻڌايو ته سندس شي جن پنگ سان تائيوان تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي. هن مطابق شي جن پنگ ان معاملي تي تمام مضبوط موقف رکي ٿو ۽ تائيوان جي آزادي جي ڪنهن به تحريڪ کي نه ٿو ڏسڻ چاهي. شي جن پنگ ڳالهين دوران خبردار ڪيو ته تائيوان جو مسئلو چين ۽ آمريڪا جي لاڳاپن ۾ سڀني کان اهم آهي ۽ جيڪڏهن ان کي غلط طريقي سان اڪلايو ويو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ ٽڪراءُ ٿي سگهي ٿو. جڏهن ٽرمپ کان پڇيو ويو ته ڇا هو تائيوان جي معاملي تي چين سان جنگ جو امڪان ڏسي ٿو ته هن چيو ته، مونکي ائين نه ٿو لڳي، سڀ صحيح رهندو. شي جن پنگ جنگ نه ٿو چاهي.

بقايا *** 32

ڪيو. پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب ٻنهي اڳواڻن پاڪ ازبڪ لاڳاپن، علائقائي صورتحال، گڏيل دلچسپي جي ٻه طرفه گهڻ رخي معاملن تي ڳالهيون ڪيون. ازبڪستان جي پرڏيهي وزير سعيدوف علائقائي امن ۽ سلامتي لاءِ ٽياڪڙي ۾ پاڪستان جي تعميري ڪردار جي تعريف ڪئي. ٻنهي اڳواڻن گڏيل رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو.

بقايا *** 33

رن تي حملو دهشتگردي جي دائري ۾ اچي ٿو. عدالت موجب سرڪاري اهلڪارن تي حملو رياست جي رٽ ۽ انصاف جي نظام تي سڌو سنئون حملو آهي. جڏهن ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي نشانو بنائڻ ذاتي دشمني نه پر اها دهشتگردي آهي عدالت چيو ته نظرثاني جي درخواست 1598 ڏينهن جي دير سان داخل ڪئي وئي. درخواستگذار دير جي هڪ هڪ ڏينهن جو معقول جواز پيش ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو. سپريم ڪورٽ موجب ڏوهاري مشتاق احمد تي ڊيوٽي دوران ٻن پوليس آفيسرن ۽ هڪ ڪانسٽيبل کي قتل ڪرڻ جو ڏوهه ثابت ٿيو آهي. ڏوهاري سرڪاري فرض انجام ڏيڻ جي دوران پوليس اهلڪارن تي فائرنگ ڪئي هئي عدالت پنهنجي فيصلي ۾ چيو ته ٽرائل ڪورٽ ڏوهاري کي 3 ڀيرا موت جي سزا ٻڌائي هئي، پر سپريم ڪورٽ پنهنجي پهرين فيصلي ۾ موت جي سزا کي عمرقيد ۾ تبديل ڪري ڇڏڻ جي 2019 جي فيصلي خلاف نظرثاني اپيل داخل ڪئي هئي. سپريم ڪورٽ درخواستگذار جي موت جي سزا کي عمرقيد ۾ تبديل ڪيو هو عدالت دهشتگردي جي خاتمي وارن قلمن تحت 3 ڏوهارين کي عمرقيد جي سزا ٻڌائي هئي. سپريم ڪورٽ نظرثاني درخواست ۾ عمرقيد جي سزا برقرار رکندي اپيل کي رد ڪري ڇڏيو سپريم ڪورٽ موجب درخواستگذار انهي وقت ٻن پوليس آفيسرن ۽ هڪ ڪانسٽيبل تي فائرنگ ڪئي جڏهن اهي ڊيوٽي تي هئا. عدالت اهو به قرار ڏنو ته پرائيويٽ تڪرار دوران به قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي نشانو بنائڻ رياست جي اٿارٽي جي سڌو سنئون توهين آهي.

بقايا عوامي سوچ 01

چهن مهينن بعد پاڪ ڪالوني مان ڪيس اغوا ڪري ويو ۽ دلبر مهر ٽاٽي جي حد ۾ رکي سالن مسلسل جنسي زيادتي ڪندو رهيو. صائمہ مهر موجب اڳوڻو مڙس ڪيس ڌمڪيون ڏيندو رهيو تہ جيڪڏهن هن فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سندس پٽ کي قتل ڪري ڇڏيندو. هوڏانهن متاثر عورت جي ماءُ لطيفان چيو تہ نياڻي جي بازيابي لاءِ هن عدالت سان رابطو ڪيو، جنهن بعد ميجسٽريٽ ۽ دلبر مهر ٽاٽي جي پوليس ٽن مهينن ڪانپوءِ صائمہ مهر کي بازياب ڪرايو. هن الزام هنيو تہ ايتري وڏي واقعي باوجود اڳوڻي ناٽي منا خان مهر هاڻ نئوآباد ٽاٽي تي سندن خلاف اغوا جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو آهي، جيڪو سراسر زيادتي آهي. متاثر ماءُ وڌيڪ چيو تہ سندس هڪ پٽ هٿ کان معذور آهي جڏهن تہ ٻيو اڃان ننڍو آهي، پر ان باوجود کين مسلسل هراسان ڪيو پيو وڃي. متاثر خاندان سيشن جج ميرپورخاص، ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص کان انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪندي چيو تہ کين اڳوڻي ناٽي جي مبينا زيادتين کان بچايو وڃي. هنن وڌيڪ الزام هنيو تہ ايس ايچ او نئوآباد احمد خان مسلسل فون ڪري صائمہ مهر کي بيان لاءِ ٽاٽي تي پيش ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيو آهي

بقايا عوامي سوچ 02

لٽ هٽي قتل ڪيو ويو آهي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي لاش کي ضروري ڪاروائي لا تعلقہ اسپتال ڳڙهي خيرو منتقل ڪيو ويو آهي واقعي جي جاچ ڪيو پيا

بقايا عوامي سوچ 03

ف سامهون آيو آهي، جنهن سبب علائقي واسي سخت پريشاني ۽ گهٽي ۾ مبتلا ٿي ويا آهن مقامي رهواسين موجب مرحوم ڪامران غني جي گهر سامهون لڳل ٽرانسفارمر تي مبينا طور غيرقانوني ٺيڪيداري نظام قائم ڪيو ويو آهي، جتي ڪجهہ مخصوص ماڻهو بجلي جي ورڇ ۽ وصولين تي مڪمل ڪنٽرول رکيو وينا آهن علائقي واسين الزام هنيو آهي تہ ٽرانسفارمر تي رڳو چار کان پنج قانوني ميٽر لڳل آهن، جڏهن تہ ساڳئي ٽرانسفارمر مان مبينا طور ٻہ سئو کان وڌيڪ ڪنڊا هٽي بجلي فراهم ڪئي پئي وڃي شهرين جو چوڻ آهي تہ ڪنڊا سسٽم ذريعي هر مهيني لکين رپين جون غيرقانوني وصوليون ڪيون پيون وڃن رهواسين وڌيڪ الزام لڳايو آهي تہ قانوني ميٽر هولڊرن کي ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون ۽ جيڪي ماڻهو ڪنڊا لڳائڻ کان انڪار ڪن ٿا، تن جون بجلي جون تارون ڪاٽي ڇڏيون وڃن ٿيون شهرين موجب بجلي چوري جي هن مبينا نيٽ ورڪ ۾ ماڻهن کي زبردستي شامل ڪرڻ جون ڪوششون پڻ جاري آهن ذريعن مطابق مبينا طور اي سي استعمال ڪندڙن کان الڳ ۽ اضافي رقم بہ وصول ڪئي پئي وڃي، جڏهن تہ سڄي معاملي تي واپڊا ۽ حيسڪو اختيارين جي خاموشي ڪيترائي سوال اٿاري ڇڏيا آهن اسلام پور جي رهواسين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ ٽرانسفارمر تي مبينا قبضي، غيرقانوني ڪنڊا سسٽم، ڀتا خوري ۽ بجلي چوري ۾ ملوث عنصرن خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي تہ جيئن علائقي واسين کي هن مبينا ظلم ۽ پريشاني مان نجات ملي سگهي

بقايا عوامي سوچ 04

۾ ڪم ڪن ٿا، جن کي بنا ڪنهن سبب جي بيروزگار ڪري انهن جي جاين تي ٻاهرين ماڻهن کي ڀرتي ڪري کين بک ۽ بدحالي ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي، هنن چيو تہ هڪ طرف کين پگهارون تمام گهٽ ملن ٿيون تہ ٻئي طرف کين بونس سميت ڪا بہ سهوليت ميسر ناهي، جڏهن تہ سندن پيٽ ۾ ٻاهرين ماڻهن کي وڏين پگهارن سميت بونس سان گڏ سموريون سهولتون مهيا ڪيو پيون وڃن. جيڪا ساڻن وڏي زيادتي آهي، پر سندن ڪير بہ واهر ڪرڻ وارو ناهي. هنن ونڊ پاور ڪمپني انتظاميہ، ڊي سي ٺٽو سميت چونڊيل نمائندن کان گهر ڪئي تہ ساڻن انصاف ڪري کين روزگار مهيا ڪري فاقہ ڪشي کان بچائي سندن پگهارن ۾ اضافو ڪري بونس سميت سموريون سهولتون مهيا ڪري ٻاهرين ماڻهن جي ڀرتي بند ڪري مقامي ماڻهن کي روزگار مهيا ڪيو وڃي، جيئن ڪوهستان جا رهواسي خوشحال زندگي گذاري سگهن.

بقايا عوامي سوچ 05

لکٽيون پڙهيون، جن ۾ سيڪريٽريءَ ناشاد ملاح غزل، قادر ڪنير ڪهاڻي انقلاب زنده باد، شاهہ کوي غزل، مشتاق ميمڻ اُردو نظم، شڪيل ڪتي وائي، يوسف غفور ڪتي غزل ۽ سائينءَ محمد صديق ميمڻ اقوال زرين، علي حسن خاصخيليءَ لطيف سرڪار جو چونڊ بيت، عبدالباري بلاولي چونڊ شعر، محمد اسماعيل مگسي چونڊ شاعريءَ پيش ڪئي، اُن موقعي سنڌيءَ ادبي سنگت شاخ چوهڙ جمالي طرفان ماهيگير اڳواڻ، ليکڪ ۽ انڊس ڊيلٽا جي سگهاري آواز امير بخش جت سان رهاڻ ۽ سنڌيءَ ادبي سنگت شاخ چوهڙ جمالي پاران جاري ٿيندڙ سنگت مئگزين جي حوالي سان غور ويچار ڪيو ويو. جنهن تي شاعرن ۽ ليکڪن رايا ڏنا ۽ متفقہ رائي سان فيصلا ڪيا ويا، جڏهن تہ وقتي صدر، شاعر، ليکڪ ۽ ڪالم نگار ساگر ميمڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي ڳالهائيندي چيو تہ سنڌيءَ ادبي سنگت جون گڏجاڻيون ادبي ڪلاس جون حيثيت رکن ٿيون، شاخ پاران اهڙو عمل تسلسل سان جاري آهي، هنن ڳالهائيندي چيو تہ 18 ۽ 28 ترميم جي آڙ ۾ سنڌ جي وحدت، تي وار ڪرڻ، زرعي ۽ معدني وسيلن تي قبضو ڪرڻ جي سازش کي قطعي طور برداشت نہ ڪبو اهڙيءَ سازش جي سخت مزاحمت ڪئي ويندي

بقايا عوامي سوچ 06

هن سخت گرمي ۾ پيئڻ جي پاڻي، سوئي گئس توڙي بجلي لاءِ سخت پريشان آهن تہ رات جو پڻ سخت گرمي سبب آرام بہ ڪري نٿا سگهن، پر شهرين جي تڪليفن جو ڪنهن کي بہ احساس ناهي، ٺٽو ۽ مڪلي جي متاثر رهواسين جو چوڻ اهي تہ ميونسپل ڪميٽي، ضلعي ڪائونسل ٺٽو توڙي ٽائون ڪميٽي مڪلي جي وڏي بجيٽ هجڻ باوجود اهي عوام کي خاطر خواهہ ڪي بہ بنيادي سهولتون فراهم ڪري ناهن سگهيون، جن جون وڏيون بجيٽون هجڻ باوجود ڪٿي ٿيون خرچ ٿين جن جي بہ عوام کي ڪا ڄاڻ ناهي، متاثر شهرين مطالبو ڪيو اهي تہ کين بجلي توڙي سوئي گئس جي اڻ اعلانيہ لوڊشيڊنگ مان نجات ڏياري پيئڻ جي پاڻي جو بحران ختم ڪري شهرين کي سموريون بنيادي سهولتون مهيا ڪري ماهوار ايندڙ بجيٽ جي جانچ ڪرائي ان کي صحيح نموني استعمال ڪرايو وڃي. جيئن معصوم ٻارڙا، بزرگ توڙي بيمار ماڻهون انتهائي تڪليف واري زندگي گذارڻ مان نجات پائي سگهن.

بقايا عوامي سوچ 07

صوبائي جنرل سيڪريٽري غلام نبي ڪيريو ڊويزن حيدرآباد جي جنرل سيڪريٽري نعيم احمد ميمڻ شهزاد قادري صدر ضلع بدين امتياز ميمڻ رافع پتي ميمبرن شرڪت ڪئي صوبائي صدر چيو تہ هڪ مهيني اندر ڊويزن جو باڊيون مڪمل ڪيو وينديون صوبائي جنرل سيڪريٽري خطاب ڪندي چيو تہ عيد کان پوءِ ضلع بدين سميت حيدرآباد ڊويزن جي عهديدارن جي حلف برداري تقريب منعقد ڪري تعارفي گڏجاڻي ڪئي ويندي صوبائي صدر ليڊيز ونگ چيو تہ اسان پنهنجي ڀائرن سان گڏجي هر ضلعي ۾ عورتن جي تحفظ لاءِ هڪ ٽيم جوڙينداسين حيدرآباد ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري نعيم احمد ميمڻ جي ڪارڪردگي ڏسندي انهي کي ڊويزن حيدرآباد جي صدر جي عهدي لاءِ فائز ڪيو ويو آخر ۾ ڊويزن حيدرآباد جي صدر نعيم ميمڻ ضلعي صدر شهزاد قادري امتياز ميمڻ طرفان آيل مهمانن کي اجرڪن ۽ لنگهين جا تحفا پيش ڪيا ويا

بقايا عوامي سوچ 08

۽ واقعي ۾ ٻيا پهلو پڻ سامهون اچي سگهن تاعلائقي واسين مطالبو ڪيو آهي تہ واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي، جيئن اصل حقيقت سامهون اچي سگهي ۽ جيڪڏهن ڪو ڏوهاري عنصر ملوث هجي تہ ان خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 09

ي آزادي ۽ خودمختياري کي عالمي استحصالي ادارن جي غلامي ٻڌائي ڇڏيو آهي. حڪمرانن جي نااهلي ۽ ڪرپشن سبب قدرتي ۽ معدني وسيلن سان مالا مال ايٽمي طاقت Pakistanجا ڪروڙين شهري غربت جي لڪير کان هيٺ انتهائي محرومي ۽ بدحالي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. هن چيو تہ بجلي ۽ پيٽرول جي قيمتن ۾ مسلسل هوشربا اضافي خلاف جماعت اسلامي جي عوامي تحريڪ حڪمرانن لاءِ ڏکيائيون پيدا ڪندي. امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعم الرحمن جي باڪردار، تعليم يافتہ، غيرتمند ۽ دلير قيادت سان گڏ سنڌس باصلاحيت ٽيم پاڪستان جي اهم ضرورت آهي. هنن خيالن جو اظهار هن جماعت اسلامي ميرپورخاص پاران ميمبرشپ ڊرائيو مهم جي حوالي سان منعقد ڪيل ڪارڪنن جي وڏي اجتماع کي خطاب ڪندي ڪيو. اجتماع کي مفتو ولا محمد ستو، ضلعي امير حافظ سلمان خالد، مقامي امير شڪيل احمد قم ۽ نادر خان پڻ خطاب ڪيو. اجتماع کي خطاب ڪندي مفتي ولي محمد سهتو چيو تہ جماعت اسلامي ڪنهن بہ مسلڪ، فرقي يا گروهہ کان آزاد، دعوت الي الله جي عالمي تحريڪ آهي. جماعت اسلامي انسانن کي الله سان جوڙڻ ۽ هر قسم جي انساني ۽ گروهي غلامي کان آزادي جي دعوت ڏئي ٿي. هن چيو تہ ملڪي نظام سميت انساني زندگي جي انفرادي ۽ اجتماعي معاملن ۾ الله تعاليٰ ۽ رسول اڪرم جي واضح حڪمن جي پيروي ۽ نفاذ ئي مسئلن جو واحد حل آهي

بقايا عوامي سوچ 10

۾ رسو ٻڌي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيو. واقعي جي اطلاع تي ڏنڊو پوليس فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ٽنڊوغلام حيدر سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو،جتي ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. ڏنڊو پرسان اچي موري وٽ واقعي بعد علائقي ۾ سوڳ جي فضا ڇانيل، جڏهن تہ پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا عوامي سوچ 11

اڏاٽو ڪري وئي، سياسي سماجي اڳواڻن پاران گهري ڏک جو اظهار رپورٽ موجب ريڊيو پاڪستان اسلام آباد جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر انعام علي سومروجي ڀڄي مرحوم ڊاڪٽر شاهہ محمد سومروجي ڌيڻ رضا الاهي سان انتقال ڪري وئي جنهن جي جنازي نماز ڳوٺ انصاف ڪوٽ ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ سياسي، سماجي شخصيتن سميت علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي بعد ۾ مرحومہ کي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو ان موقعي تي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن وارثن انعام علي سومرو طارق احمد سومرو مشتاق سومرو انصاف سومرو سان تعزيت ڪندي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ۽ مرحومہ جي مغفرت توڙي پونئرن لاءِ صبر جميل جي دعا گهري ٻي طرف وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا عوامي سوچ 12

پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن تحت سنڌ حڪومت پاران غريب ماڻهن ۾ سولر هوم سسٽم جي ورڇ روشن مستقبل ڏانهن هڪ بهترين قدم آهي اسان پاڪستان پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کو چيئرمين آصف علي زرداري ليڊيز ونگ جي مرڪزي اڳواڻ ايم پي اي فريال ٽالپر وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهہ ۽ اڳوڻي ايم پي اي پير سيد محمد بچل شاهہ جيلاني جا ٿورائتا آهيون جن تڪ پي ايس 31 ڪنگري ۾ سوين سولر هوم سسٽم فارم تعلقي ڪنگري تنظيم کي ڏنا جيڪي اسان غريب ۽ مستحق ماڻهن کي ڏنا، پير سيد حسين شاهہ جيلاني وڌيڪ ڳالهائيندي چيو تہ سرسو جي ٽيم سروي شروع ڪري ڏني آهي جيڪا تمام جلد سوين خاندانن کي سولرهوم سسٽم ڏئي هر گهر روشن ڪنداسين، پيپلزپارٽي عوامي خدمت تي يقين رکي ٿي بنا ڪنهن فرق جي عوام جي بهتري لاءِ ڪوششون جاري آهن

بقايا عوامي سوچ 13

۾ ڪوبہ پينل نہ آيو. جڏهن تہ ڪامياب ٿيل عهديدارن ۾ صدر لاءِ گل حسن مگسي سينيئر وائيس پريزيڊنٽ راجا اورنگزيب ڪنڀار وائيس پريزيڊنٽ منظور احمد مگسي جنرل سيڪريٽري جاويد ڪتي جوائنٽ سيڪريٽري نياز ڪتي فنانس سيڪريٽري قذافي ميمڻ پريس سيڪريٽري ذوالفقار چاوڙو آفيس سيڪريٽري احمد مشتاق ميمڻ شامل آهن اليڪشن بورڊ چئيرمين غلام مرتضي ميمڻ پتائي پينل جي اميدوارن کي ڪامياب قرار ڏنو هوڏانهن گستا تعلقي شاهہ بندر جي اميدوارن کي وڏي تعداد ۾ استادن گڏ ٿي اجرڪون اوڍائي کين مبارڪون پيش ڪيون

بقايا عوامي سوچ 14

ي رائفل پڻ هٿ، ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي جي هدايتن تي دادو پوليس ڏوهاري عنصرن خلاف سرگرم آهي، ان سلسلي ۾ ايس ايچ او ٿاڻو ميهڙ اي سيڪشن محمد ابراهيم سومرو جي اڳواڻي ۾ ميهڙ پوليس فريدآباد روڊ سهاڳ واهہ پرسان مقابلي بعد هڪ انتهائي گهربل جوابدار کي هٿيار سميت گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ صدا حسين ولد اورنگزيب چانڊيو جي نالي سان ٿي، جنهن جي قبضي مان هڪ سرڪاري 3_G رائفل پڻ هٿ ڪئي وئي، گرفتار جوابدار تي مهينا اڳ ميهڙ ۾ شهيد ٿيل ٽن پوليس اهلڪارن شهيد امام الدين ڪوسو، شهيد عبدالحفيظ مهيسر ۽ شهيد عرفان علي چانڊيو جي ڪيس ۾ گهربل هو، گرفتار جوابدار وٽان هٿ آيل سرڪاري G 3_رائفل شهيد ڪانسٽيبل عرفان علي چانڊيو کان ڦري وئي هئي، پوليس موجب گرفتار جوابدار ۽ سندس ٻين ساٿين خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ وڌيڪ جاچ جاري آهي،

بقايا عوامي سوچ 15

ڪ جي قائد رسول بخش پليجي جي ڌيڻ حورالنساءِ پليجي جي ٻهرين ورسي جي موقعي تي عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي قيادت سندس ڳوٺ منگرخان پليجي ۾ آخري آرمگاهہ تي پهچي گلن جي چادر چاڙهي کيس سلامي ڏني، قومي ۽ انقلابي گيتن سان ڀيٽا پيش ڪئي. ان موقعي تي عوامي تحريڪ جو مرڪزي صدر وسند ٿري، مرڪزي سينئير نائب صدر نور احمد ڪاتيار، مرڪزي ڊپٽي سيڪريٽري ايڊووڪيٽ راحيل پٽو، مرڪزي رابطا سيڪريٽري لال جروار، مرڪزي سوشل ميڊيا سيڪريٽري اظهار دائودپوٽو، مرڪزي تعليمي سيڪريٽري ايڊووڪيٽ اسماعيل خاصخيلي، نور نبي پليجو، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر عمره سمون، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر ماروي مگٽهار، سنڌي مزدور تحريڪ جو مرڪزي صدر خالق گندرو، سنڌي هاري تحريڪ جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري درياهہ خان زنور، عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جو صدر رزاق چانڊيو، منا خان لاشاري، گهنور زنور، حورالنساءِ پليجي جي نياڻي سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ ڊاڪٽر شبنم پليجو، مسرت پليجو، پٽ سلطان، ڊاڪٽر نعيم پليجو ۽ ايس ايس ٽي جي اڳواڻ غلام علي زنور ۽ ٻيا ڪارڪن موجود هئا. ورسي تقريب کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر عمره سمون، سينئير اڳواڻ عبدالقادر رانٽو، رزاق چانڊيو، منا خان لاشاري، ڊاڪٽر شبنم پليجو، ڊاڪٽر نعيم پليجي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو تہ حور النساءِ پليجو ملڪ ۾ جمهوريت جي بحالي کان ويندي مظلوم پورهيت عوام جي حقن لاءِ زبردست جدوجهد ڪئي. حور النساءِ پليجو سنڌياڻي تحريڪ جي پليٽفارم تان سنڌي عورتن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. حور النساءِ پليجو سنڌي عورتن لاءِ اتساهہ ۽ جدوجهد جي علامت آهي. هنن چيو تہ ملڪ ۾ هينئر نام نهاد جمهوريت آهي. پاڪستان کي غير جمهوري قوتن حوالي ڪيو ويو آهي. ملڪ جي مظلوم قومن جا وسيلا ۽ ملڪيت ڦٻائڻ لاءِ قانونسازي ٿي رهي آهي. پيپلزپارٽي هر ڪڏي ڪم ۾ ملڪ دشمن قوتن جي ساٿاري بڻيل آهي. 28هين آئيني ترميم وسيلي صوبائي خودمختياري ختم ڪئي ويندي. ملڪ جي موجوده سرڪار ملڪ کي ڪمزور ڪري رهي آهي. هنن چيو تہ هن وقت سنڌ ۾ شديد پاڻي کوٽ هجڻ باوجود چشما جهلم ۽ تونسا پنجند ڏاڙيل واهہ کوليا ويا آهن. پنجاب ڏيڍ صدي کان بہ وڏي عرصي کان سنڌ جي پاڻي تي قابض آهي. هن وقت ملڪ کي شديد خطري هيٺ آندو ويو آهي. عدليہ مفلوج بڻائي وئي آهي. ملڪ مڪمل طور تي غير جمهوري قوتن جي هٿن ۾ آهي. ماڻهن کان جيئڻ جو حق کسيو ويو آهي. ملڪ ۾ هن وقت حقيقي جمهوريت جي بحالي ۽ قومن جي وسيلن تي قبضن خلاف ڀرپور جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي.

بقايا عوامي سوچ 16

قابلي ڪامياب استاد برادري پاران سموري پينل کي مبارڪون ۽ اجرڪن ۽ لونگين جا تحفا پيش ڪيا ٻئي طرف النوح پينل جا هينيان عهديدار بنا مقابلي چونڊيا ويا صدر عبدالڪريم هموپوٽو جنرل سيڪريٽري مظفر نور، سينيئر وائيس پريزيڊنٽ محمد طيب هنگورو، فنانس سيڪريٽري سيد زاهد شاهہ، پريس سيڪريٽري سائين بخش هڪڙو، آفيس سيڪريٽري حسنين سمون، وائيس پريزيڊنٽ جي ايم چنا، جوائنٽ سيڪريٽري لا محمد فرحان کي چونڊيو ويو ان موقعي تي خطاب ڪندي نئون منتخب ٿيل گستا جي صدر عبدالڪريم هموپوٽو چيو تہ آئون سموري استاد برادري جو ٿورائتو آهيان هي ڪاميابي رڳو هڪ پينل جي نہ، پر سموري استاد برادري سميت سائين عبدالقيوم نوپوٽو، سائين محمد شاهہ سائين محمد آچر خاصخيلي جا جنهن اتحاد، اعتماد ۽ شعور جي فتح آهي گستا هميشہ استادن جي حقن، ميرٽ، عزتِ نفس ۽ ڀلائي لاءِ جدوجهد ڪئي آهي، ۽ ڪندي رهندي اميد آهي تہ نئون چونڊيل پينل پڻ ساڳئي جذبي سان استادن جي جائز حقن جي حفاظت ڪندو

بقايا عوامي سوچ 17

هزاد احمد ساهي نوٽيس وٺندي پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو ۽ سنڌ دوست ڪاميٽي سميت احتجاجي تحريڪ ۾ شامل مختلف سياسي، سماجي، واپاري مذهبي ۽ قومپرست پارٽين جي اڳواڻن ۽ واپڊا عملدارن جي وچ ۾ واپڊا سان لاڳاپيل مسئلن تي پنهنجي آفيس جي ڪانفرنس هال ۾ ميٽنگ طلب ڪئي. شهرين طرفان انتظار چلگري، نديم قريشي، احمد علي بروهي، ڊاڪٽر اي جي انصاري، گل حسن سومرو، ديدار علي لاشاري، محمد عالم ڪوسو، عبدالمجيد سرڪي، فدا لڪڻ، سيد علي شاهہ، نور محمد منجهو، وارث جڪراڻي، ۽ ٻيا شريڪ ٿيا، جڏهن تہ واپڊا وارن طرفان، XENشفقت حسين لاشاري، ..SDO_I واپڊا هائڊرو يونين جا نمائندا، مختلف لائين سپريٽنڊنٽ شريڪ ٿيا. گڏجاڻي ۾ شهرين پاران 13 نڪتن تي مشتمل مسئلن جي چارٽر تي انتظارچلگري تفصيلي بريفنگ ڏني، انهيءَ کان پوءِ نديم قريشي ،احمد علي بروهي، گل حسن سومرو، ڊاڪٽر اي جي انصاري، ديدار علي لاشاري، سريچند پاوناڻي ۽ ٻين پڻ ڪجھ اشوز جي نشاندهي ڪئي. اڳواڻن واضح ڪيو تہ اسان انتقامي طور مليل نوٽيسز تي هرگز ڳالهائڻ نہ ٿا چاهيون ۽ نہ ئي انهن کان ڊڄون ٿا. اسين شهرين جي اجتماعي مسئلن تي ڳالهائڻ ۽ انهن جو حل وٺڻ آيا آهيون. اڳواڻن اهو بہ واضح ڪيو تہ پرامن احتجاج اسان جو جمهوري حق آهي. انهيءَ کان بعد واپڊا عملدارن توڙي شهري اڳواڻن وچ م اهم نقطن تي اتفاق ٿيو.

بقايا عوامي سوچ 18

ٽڪر جي نتيجي ۾ نوجوان ساگر علي جمالي جي فوت ٿيڻ واري واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي بي سيڪشن پوليس فوتي نوجوان ساگر جمالي جي والد گلشير جمالي جي فرياد تي گناهہ نمبر 62-2026 تحت خداآباد واسي حادثي ۾ زخمي ٿيل ٻن نوجوانن ڪريم بخش پٽ بشير احمد ۽ دادن پٽ محمد صادق بوزدار خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو آهي. فريادي پنهنجي درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو آهي تہ جوابدار تيز رفتاري، لاپرواهي ۽ اڻ ڏنگي نموني موٽرسائيڪل هلائي رهيا هئا، جيڪي رانگ سائيڊ تان اچي سندس پٽ جي موٽرسائيڪل کي زور دار ٽڪر هڻي ويا، جنهن جي نتيجي ۾ نوجوان ساگر علي جمالي موقعي تي ئي فوت ٿي ويو. جڏهن تہ بي سيڪشن دادو پوليس ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، جڏهن تہ ذريعن جو چوڻ آهي تہ نوجوان تيز رفتار موٽر سائيڪل تي ڪرتب ڏيکاري رهيا هئا

بقايا عوامي سوچ 19

ڪلاس ڪرڻ جو مطالبو چيف سردار احمدعلي چنا سان گڏ آهيون. ڪوڙا ڪيس فوري ختم ڪيا وڃن: وڏيرو مير موسيٰ چنا، عبدالغفور چنا ۽ ٻين جي ميڊيا سان ڳالهہ ٻولهہ ميرپور ٻرڙو ۾ چنا برادري سان پيش آيل ناخوشگوار واقعي، ٻن نياڻين جي اغوا ۽ برادري جي ماڻهن تي داخل ڪيل ڪوڙن ڪيسن خلاف ڪراچي جي علائقي ملير ميمڻ ڳوٺ جي چنا برادري پاران سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو آهي. ميمڻ ڳوٺ ۾ ميڊيا سان خاص ڳالهہ ٻولهہ ڪندي چنا برادري جي معزز اڳواڻن وڏيري مير موسيٰ چنا، عبدالغفور چنا، بلال چنا، حاجي رمضان چنا ۽ ٻين ڳوناڻن چيو تہ ميرپور ٻرڙو ۾ چنا برادري مٿان ظلم ڪيو ويو آهي، جنهن جي اسان پرزور لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا ۽ اعلان ڪريون ٿا تہ اسان پنهنجي چيف سردار سان هر موڙ تي گڏ بيهنداسين. برادري اڳواڻن ميڊيا آڏو مطالبو ڪندي چيو تہ ميرپور ٻرڙو مان اغوا ٿيل برادري جون ٻہ معصوم نياڻيون فوري طور تي بازياب ڪرايون وڃن. ان سان گڏوگڏ، چنا برادري جي بيگناهہ ماڻهن تي جيڪي سياسي ۽ ذاتي دشمني تحت ڪوڙا ايف آءِ آر (FIRs)داخل ڪيا ويا آهن، انهن کي فوري طور تي سي-ڪلاس (C_Class)ڪري ختم ڪيو وڃي. هنن اعليٰ ادارن ۽ قانون نافذ ڪندڙ ادارن کان پرزور اپيل ڪئي تہ معاملي جي شفاف ۽ اٽڊري انڪوائري ڪرائي وڃي، جيئن علائقي کي ڪنهن وڏي قبيلائي جهيڙي ۽ خونريزي کان بچائي سگهجي. اڳواڻن چتاءُ ڏنو تہ جيڪڏهن نياڻيون واپس نہ ٿيون ۽ ڪوڙا ڪيس ختم نہ ڪيا ويا تہ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 20

زرعي زمين مڪادي تي وٺي آبادڪاري ۾ مصروف رهيو آهي، جڏهن تہ تازو سندس پٽ کي مبينا طور شراب جون بوتلون ڪٽي وڃڻ جي الزام هيٺ پوليس گرفتار ڪري مٿس ايف آءِ آر داخل ڪري ڇڏي آهي. راجا سنڌي جو چوڻ آهي تہ ڪجهہ مخالف ڌريون سندس خاندان کي هراسان ۽ بدنام ڪرڻ لاءِ سوشل ميڊيا تي واويلا ڪري رهيون آهن ۽ معاملي کي غلط رنگ ڏئي پيش ڪيو پيو وڃي. هن پنهنجي وڊيو بيان ۾ چيو تہ جيڪڏهن سندس خاندان جو ڪو فرد ڪنهن بہ غيرقانوني سرگرمي ۾ ملوث ثابت ٿيو تہ ان خلاف قانون موجب ڪارروائي ٿيڻ گهرجي ۽ هو قانون جي بالادستي تي مڪمل يقين رکي ٿو. هن وڌيڪ چيو تہ سندس خاندان کي ذاتي دشمني جو نشانو بڻايو پيو وڃي، جنهن سبب هو ۽ سندس گهرياتي ذهني پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن. راجا سنڌي ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص کي اپيل ڪئي آهي تہ معاملي جي غيرجانبداراڻي انڪوائري ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي تہ جيئن حقيقتون سامهون اچي

بقايا عوامي سوچ 21

ٿي ويو آهي، جڏهن تہ پوليس مڪمل طور ناڪام نظراچي رهي آهي. علائقي ۾ دادا فقير ڳاڏاهي ۽ ٻنگي وچ ۾ سخت مقابلي جون بہ خبرون گردش ڪري رهيون آهن، جنهن سبب ماحول وڌيڪ خراب ٿيندو پيو وڃي. رهواسين مطالبو ڪيو آهي تہ ايس ايس پي ڄامشورو فوري نوٽيس وٺي ۽ خدا جي بستي ڊي ٿري ڪالوني مان منشيات جو خاتمو ڪرائي، ٻي صورت ۾ نوجوان نسل مڪمل تباهي ڏانهن هلي ويندي. شهرين چيو آهي تہ آئس جهڙي خطرناڪ نشي سبب ڪيترائي گهر تباهہ ٿي چڪا آهن، تنهن ڪري پوليس ۽ ضلعي انتظاميا کي بنا دير سخت ڪارروائي ڪرڻ گهرجي.

بقايا عوامي سوچ 22

اڄ پيش آيل ٻن افسوسناڪ واقعن سڄي علائقي کي سوڳوار بڻائي ڇڏيو آهي تفصيل موجب جهڏو جي رهواسي 25 ورهين جي نوجوان علي غلام جروار جو لاش سندس گهر مان ڦاهي تي لٽڪيل حالت ۾ هٿ آيو واقعي کان پوءِ گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. جڏهن تہ پوليس واقعي بابت ضروري قانوني ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي ٻئي واقعي ۾ جهڏو پرسان ڳوٺ محمد حسن ڪپري جي رهواسي ناظم علي ولد محمد حسن ڪپري جي نوجوان پٽ مبينا طور گهر ۾ پيل زرعي زهريلي دوا پي پنهنجي زندگي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي نوجوان کي گهٽتي جوڳي حالت ۾ فوري طور رورل هيلٿ سينٽرجهڏو منتقل ڪيو ويو. جتي ڊاڪٽرن ابتدائي طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ ڊي ايچ ڪيو اسپتال ميرپورخاص ريفر ڪري ڇڏيو ذريعن موجب جهڏو ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ گذريل هڪ مهيني دوران خودڪشي يا خودڪشي جي ڪوشش جو هي پنجون واقعو آهي، جنهن سبب شهرين ۾ خوف ۽ بيچيني وڌي وئي آهي مقامي ماڻهن ۽ سماجي حلقن لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو آهي تہ اهڙن افسوسناڪ واقعن جي روڪٿام لاءِ سنجيده قدم کنيا وڃن ۽ نوجوانن جي ذهني ۽ سماجي مسئلن تي ڌيان ڏنو وڃي

بقايا عوامي سوچ 23

يءَ جي هڪ نجي ڪمپني ۾ نوڪري جو آسرو ڏئي گهران وٺي ويو، جنهن بعد کان ظهير احمد شيخ سان هر قسم جو رابطو ختم ٿي ويو آهي ۽ سندس باري ۾ ڪا بہ ڄاڻ نہ پئي ملي سگهيمتاثر خاندان موجب سعيد شيخ ڪيترن ئي نوجوانن کان ڳريون رقمون وٺي کين ڪمپني ملڪن ۾ موڪلڻ جا واعدا ڪيا هئا، پر بعد ۾ ظهير احمد شيخ سميت چار ٻيا نوجوان راولپنڊيءَ ۾ ڇڏي پاڻ واپس اچي ويو وارثن جو چوڻ آهي تہ جڏهن بہ سعيد شيخ کان نوجوانن بابت پڇا ڪئي وئي تہ هو مسلسل ٽال مٽول ڪندو رهيو ۽ صحيح معلومات ڏيڻ کان پاسو ڪندو رهيوصحافي بشير احمد شيخ موجب جڏهن هو پنهنجي ڀاءُ جي ڳولا ۽ پڇا ڳاڇا لاءِ نري ميرواهہ پرسان ڏيڏاٽو ڳوٺ پهتو تہ سعيد شيخ پنهنجي مائٽن ۽ ساٿين سميت مٿس منظم نموني حملو ڪري ڏنوحملي ۾ سعيد شيخ، منير احمد شيخ، گل محمد شيخ، نويد احمد شيخ ۽ ٻيا ڪيترائي ماڻهو شامل هئا، جن لٺين ۽ ڪهاڙين سان سخت تشدد ڪيو ۽ کيس خاموش رهڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون پڻ ڏنيونمتاثر صحافي جو چوڻ آهي تہ حملو ڪندڙن واضح لفظن ۾ چيو تہ جيڪڏهن هن پنهنجي ڀاءُ بابت وڌيڪ پڇا ڪئي يا ڪنهن اداري، پوليس يا ميڊيا کي ڏانهن ڏني تہ کيس جان کان ماري ڇڏيو ويندو هن چيو تہ سچي واقعي جا شاهد پڻ موجود آهن، جيڪي حقيقتن جي تصديق ڪري سگهن ٿاصحافي بشير احمد شيخ چيو تہ سندس خاندان گذريل 22 ڏينهن کان سخت اذيت، خوف ۽ بيچيني ۾ مبتلا آهي، جڏهن تہ ظهير احمد شيخ جي زندگي بابت بہ سنگين خدشا پيدا ٿي چڪا آهن هن چيو تہ بااثر ڌريون نہ صرف نوجوانن کي گم ڪرڻ ۾ ملوث آهن پر هاڻي متاثر خاندان کي ڌمڪيون ڏئي خاموش ڪرائڻ جي ڪوشش پڻ ڪري رهيون آهنمتاثر خاندان پاران سنڌ پوليس جي آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي خيرپور، انساني حقن جي ادارن ۽ سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو آهي تہ واقعي جو فوري نوٽيس وٺي ظهير احمد شيخ ۽ ٻين نوجوانن جي بازيابي لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن، حملي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ صحافي خاندان کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 24

آهي. ذريعن موجب گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ مقيو عرف مقيم نهڙي طور تي آهي، جيڪو موڏور واسي ٻڌايو پيو وڃي. پوليس ڪارروائي دوران جوابدار وٽان وڏي مقدار ۾ سفينا هٿ ڪئي وئي آهي ، جڏهن تہ سندس خلاف ڪلوئي ٿاڻي تي ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي. علائقي واسين ۽ سماجي حلقن آئيس، چرس ۽ آفيم سميت ٻين منشيات وڪرو ڪندڙ عنصرن خلاف سخت ۽ بنا فرق ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا عوامي سوچ 25

جي آٿاٿ لاءِ استعمال ٿيندڙ آهي وڪيو ملاح ،زبردستي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو، انصاف ڪيو وڃي، ڪوروآهہ شهر جي ڳوٺ مستري محمد الرحيم ملاح ملان حسن جي رهواسين، عثمان ملاح ولد محمد الرحيم ملاح، گل حسن ولي محمد ،ميهار عرس، علي محمد ملاح جي اڳواڻي ۾ سوين ملاح برادري جي ماڻهن احتجاجي مظاهرو ڪرڻ کان پوءِ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي، تہ اسان تي 4 ايڪڙ زمين تي قبضي ڪرڻ جا ڪوڙا الزام هڻندڙ وڪيو ملاح پنهنجي 4 ايڪڙ زرعي زمين آڳاٽو محمد موسي ملاح کي وڪرو ڪري ڏني آهي وڌيڪ چار ايڪڙ زرعي زمين جيڪا اسان جي ڳوٺ ۾ اچي ٿي ۽ غير آباد آهي ۽ گهرن لاءِ آٿاٿ طور استعمال ٿئي ٿي جنهن جو ڪوڙو ڪاتو ڪرائي اسان کي ڏوهاري ماڻهن هٿان زمين خالي ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي ۽ انهي زمين جو حيدرآباد ڪمشنر وٽ ڪيس پڻ هلندڙ آهي پر هو روزانو ڏوهاري ماڻهو گهرائي زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ساڻس گڏ ڏوهاري ماڻهو آهن جيڪي خونريزي ڪرڻ چاهين ٿا ۽ علائقي جي معزز شخصيت رٽائرڊ ڊي ايس پي مخدوم غلام مصطفي تي پڻ ڪوڙا الزام هڻي سندس ساک خراب ڪري رهيا آهن جنهن جو هن مسئلي سان ڪو تعلق ناهن هنن چيو تہ وڪيو ملاح کي محمد موسي ملاح ۽ ٻين ڏوهاري ماڻهن جي پٺڀرائي آهي جيڪي چاهين ٿا تہ خونريزي ٿئي، ۽ هو هٿيار کڻي اسان کي ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، انڪري اسين وزير اعلي سنڌ، صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو ڪمشنر حيدرآباد آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ڊپٽي ڪمشنر بدين ايس ايس پي بدين کان مطالبو ٿا ڪريون تہ اسان جي ڳوٺ جي آٿاٿ لاءِ 4 ايڪڙ زمين جا ڪوڙا ڪاتي ڪرائي اسان کي لڏائڻ جي ڪوشش ڪندڙ بااثر ماڻهن طرفان زمين تي خونريزي ڪرائيندڙن خلاف ڪارروائي ڪري ساڻن انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 26

جي اڻهوند سبب علاج لاءِ ايندڙ ماڻهن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، جڏهن تہ ڪيترائي مريض خانگي اسپتالن ڏانهن رخ ڪرڻ تي مجبور آهن. علائقي واسين جو چوڻ آهي تہ اسپتال ۾ نہ مناسب اسٽاف موجود آهي ۽ نہ ئي ضروري دوائون، جنهن ڪري روزانو ايندڙ مريض ذهني اذيت ۾ مبتلا آهن. شهرين اعلي اختيارين، ڪمشنر ميرپورخاص ۽ ڊي ايچ او ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو آهي تہ قلهڏيون اسپتال جي صورتحال جو فوري نوٽيس وٺي عوام کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

بقايا عوامي سوچ 27

قومي فاسٽ بالر پنهنجي ڪيريئر دوران 884 فرسٽ ڪلاس، 84 لسٽ اي ۽ 32 ٽي ٽوئنٽي وڪيٽون حاصل ڪيون آهن. واضح رهي تہ سلهٽ ٽيسٽ جي پهرين اننگز ۾ بنگلاديشي ٽيم 278 رنسن تي آل آئوٽ ٿي وئي، محمد عباس ٻنهي بنگلاديشي اوپنرز محمود الحسن جوئي ۽ تنزيد حسن کي پيولين جو رستو ڏيکاريو، جڏهن تہ ڪپتان نجم الحسن شانتو جي وڪيٽ وٺي هڪ هزار پروفيشنل وڪيٽن جو انگ مڪمل ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 28

جوئي ۽ تنزيد حسن اننگز جي شروعات ڪئي، پر اننگز جي شروع ۾ ئي بنگلاديشي اوپننگ بيٽر محمود الحسن پهرئين اوور جي ٻئي بال تي پاڪستاني بالر محمد عباس جو شڪار ٿي ويو. بنگلاديش طرفان لٽن داس 126 رنسن جي مزاحمتي اننگز کيڏي، جڏهن تہ تنزيد حسن 26، نجم الحسن شانتو 29، مومن الحق 22 ۽ مشفيق الرحيم 23 رنسون ٺاهي آئوٽ ٿيا. پاڪستان جي خرم شهزاد 4، محمد عباس 3، حسن علي ٻہ ۽ ساجد خان هڪ وڪيٽ ورتي. پهرئين ڏينهن راند جي پڄاڻي تائين پاڪستان بنا ڪنهن وڪيٽ وڃائڻ جي 21 رنسون ٺاهي ورتيون آهن. ازان اويس 13 ۽ عبدالله فضل 8 رنسون ٺاهي ڪريز تي موجود آهن. جڏهن تہ قومي ٽيم کي بنگلاديش جو خسارو ختم ڪرڻ لاءِ اڃا 257 رنسون گهربل آهن.ٻي ٽيسٽ لاءِ پاڪستاني ٽيم ۾ 3 تبديليون ڪيون ويون آهن. امام الحق، شاهين آفريدي ۽ نعمان علي جي جاءِ بابر اعظم، خرم شهزاد ۽ ساجد خان کي ٽيم ۾ شامل ڪيو ويو آهي. واضح رهي تہ بنگلاديش پاڪستان کي پهرين ٽيسٽ ميچ ۾ 104 رنسن تان شڪست ڏئي 2 ٽيسٽ ميچن جي سيريز ۾ هڪ ٻُڙي جي سرسي حاصل ڪئي هئي.

بقايا عوامي سوچ 29

تي پنهنجي بيزاري جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ميڊيا جو رويو حد کان وڌيڪ ٿي ويندو آهي. انڊين پريميئر ليگ (آءِ پي ايل) جي فرنچائز رائل چئلينجرز بئنگلورو (آر سي بي) جي پوڊ ڪاسٽ ۾ ڳالهائيندي ويرات ڪوهلي هڪ دلچسپ قصو شيئر ڪيو. ويرات ڪوهلي چيو تہ ”گذريل ڏينهن مان نيوزيلينڊ جي اڳوڻي ڪپتان ڪين وليمسن سان ڳالهائي رهيو هوس تہ اوچتو هڪ ڪئميرامين اسان جي وچ ۾ اچي ويو، مون ٻئي همراهہ کي چيو تہ هن کي هٽان هٽايو، ڇا مان ڪين سان سادي ڳالهہ ٻول بہ نٿو ڪري سگهان؟“ن آهن مثال طور ”ڪين ماما سان گڏ ڪنگ ڪوهلي“ ۽ الائي ڇا ڇا لکيو ويندو آهي. سندس چوڻ هو تہ مان ڪين وليمسن کي انڊر 19جي ڏينهن کان سڃاڻان ٿو ۽ اسان پراڻا دوست آهيون. پر ميڊيا طرفان شين کي حد کان وڌيڪ ۽ توڙي مروڙي پيش ڪيو ويندو آهي، اهڙو عمل ڪڏهن ڪڏهن برداشت کان ٻاهر ٿي ويندو آهي.

بقايا عوامي سوچ 30

فائنل ڏسڻ جو دعوت نامو مليو آهي ۽ محسن نقوي اهو دعوت نامو وزيراعظم شهباز شريف ڏانهن اماڻي رهيو آهي. ذريعن موجب، پي سي بي چيئرمين محسن نقوي جي ڀارت وڃڻ يا نہ وڃڻ جو حتمي فيصلو وزيراعظم شهباز شريف ڪندو. واضح رهي تہ آءِ پي ايل جو فائنل 31 مئي تي ڀارتي شهراحمد آباد ۾ شيڊيول آهي. ٻئي پاسي ڪرڪيٽ ويب سائيٽ موجب، انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ڪائونسل (آءِ سي سي) جا اجلاس هلندڙ مهيني ٻن مرحلن ۾ ٿيندا. آءِ سي سي چيف ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو ورچوئل اجلاس 21 مئي تي ٿيندو، جڏهن تہ آءِ سي سي بورڊ ميٽنگ 30 ۽ 31 مئي تي ڀارتي رياست گجرات جي راڄڌاني احمد آباد ۾ ٿيندي. واضح رهي تہ آءِ سي سي بورڊ اجلاس آءِ پي ايل فائنل جي موقعي تي سڏايو ويو آهي تہ ۽ اجلاس ۾ پي سي بي چيئرمين محسن نقوي کي شرڪت ڪرڻي آهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ موجوده صورتحال موجب پي سي بي چيئرمين محسن نقوي جي احمد آباد ۾ رٿيل اجلاس ۾ شرڪت غيريقيني آهي.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

ميرپورخاص واسي صائمه مهر پنهنجي ماءُ لطيفان، پائرن جمن ۽ امن سان گڏجي احتجاج

سندس اڳوڻي مڙس مٺا خان مهر طلاق ڏيڻ کان پوءِ ڇهن مهينن بعد پاڪ ڪالوني مان ڪيس اغوا ڪري ويو

صائمه مهر موجب اڳوڻو مڙس ڪيس ڌمڪيون ڏيندو رهيو ته جيڪڏهن هن فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ته سندس پٽ کي قتل ڪري ڇڏيندو

نياڻي جي بازيابي لاءِ هن عدالت سان رابطو ڪيو، جنهن بعد ميجسٽريٽ ۽ دلبر مهر ٿاڻي جي پوليس ٽن مهينن کانپوءِ صائمه مهر کي بازياب ڪرايو

ميرپورخاص(رپورٽ: سومار سميجو) ميرپورخاص جي سيال ڪالوني واسي صائمه مهر پنهنجي ماءُ لطيفان، پائرن جمن ۽ امن سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هڻندي چيو آهي ته سندس اڳوڻي مڙس مٺا خان مهر طلاق ڏيڻ کان پوءِ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ميرپورخاص: صائمه مهر پنهنجي ماءُ لطيفان، پائرن جمن ۽ امن سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳوڻي مڙس مٺا خان مهر طرفان اغوا ۽ جنسي زيادتي سميت ڪوڙي ڪيس داخل ڪرائڻ جي الزام هڻندي.

ڳڙهي خيرو ويجهو نوجوان جو شاهي واهه وٽ لاش هٿ

ميرانپور ٿاڻي جي حد شاهي واهه وٽ ڳوٺ خوش محمد پنهور واسي نوجوان جو لاش هٿ فوتي جي سڃاڻپ رفيق پنهور طور ٿي

پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي لاش کي ضروري ڪاروائي لا تعلقه اسپتال ڳڙهي خيرو منتقل ڪيو ويو آهي

لاش کي ضروري ڪاروائي لا تعلقه اسپتال ڳڙهي خيرو منتقل ڪيو ويو آهي واقعي جي جاچ ڪيو پيا

ڳڙهي خيرو (رپورٽ مختيار ڏاهاڻي) ڳڙهي خيرو ويجهو نوجوان جو شاهي واهه وٽ لاش هٿ ميرانپور ٿاڻي جي حد شاهي واهه وٽ ڳوٺ خوش محمد پنهور واسي نوجوان جو لاش هٿ فوتي جي سڃاڻپ رفيق پنهور طور ٿي آهي ٻڌايو پيو وڃي ته نو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

حيسڪو واپڊا پاران اسلام پور پاڙي ۾ بجلي جي ٽرانسفارمر کي مبينا طور خانگي ماڻهن حوالي ڪرڻ جو انڪشاف

جنهن سبب علائقي واسي سخت پريشاني ۽ ڳڻتي ۾ مبتلا ٿي ويا آهن

ڪامران غني جي گهر سامهون لڳل ٽرانسفارمر تي مبينا طور غيرقانوني ٺيڪيداري نظام قائم ڪيو ويو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) حيسڪو واپڊا پاران اسلام پور پاڙي ۾ بجلي جي ٽرانسفارمر کي مبينا طور خانگي ماڻهن حوالي ڪرڻ جو انڪشا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

براد آباد ويجهو قائم ٿيل ٽپال ون ونڊ انرجي ڪمپني مان بيروزگار ٿيل مقامي پورهيتن جو احتجاج

هنن پاران گذريل 10/12 سالن کان ٽپال ون ونڊ انرجي ڪمپني ۾ ڪم ڪن ٿا

جن کي بنا ڪنهن سبب جي بيروزگار ڪري انهن جي جاين تي ٻاهرين ماڻهن کي ڀرتي ڪري ڪين بک ۽ بدحالي ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي

هڪ طرف ڪين پگهارون تمام گهٽ ملن ٿيون ٻئي طرف ڪين بونس سميت ڪا به سهوليت ميسر ناهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) تعلقي ٺٽي جي ڪوهستاني پٽي براد آباد ويجهو قائم ٿيل ٽپال ون ونڊ انرجي ڪمپني مان بيروزگار ٿيل مقامي پورهيتن الزام هڻندي چيو آهي ته هنن پاران گذريل 10/12 سالن کان ٽپال ون ونڊ انرجي ڪمپن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

سنڌيءَ ادبي سنگت شاخ چوهڙ جمالي جي دستوري گڏجاڻي

گڏجاڻيءَ شاعر، ليکڪ ۽ ڪالم نگار ساگر ميمڻ جي صدارت هيٺ چوهڙ جمالي پريس ڪلب تي ٿي گذري

علي حسن خاصخيليءَ لطيف سرڪار جو چونڊ بيت، عبدالباري بلاولي چونڊ شعر، محمد اسماعيل مگسي چونڊ شاعريءَ پيش ڪئي

سنڌيءَ ادبي سنگت شاخ چوهڙ جمالي پاران جاري ٿيندڙ سنگت مئگزين جي حوالي سان غور ويچار ڪيو ويو، جنهن تي شاعرن ۽ ليکڪن رايا ڏنا

چوهڙ جمالي (رپورٽ شاهدحسيني) سنڌيءَ ادبي سنگت شاخ چوهڙ جمالي جي دستوري گڏجاڻيءَ شاعر، ليکڪ ۽ ڪالم نگار ساگر ميمڻ جي صدارت هيٺ چوهڙ جمالي پريس ڪلب تي ٿي گذري، گڏجاڻيءَ ۾ شاعرن، ليکڪن پنهنجون نڪور /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

CHUHAR JAMALI PRESS CLUB
چوهڙ جمالي پريس ڪلب ضلعو سجاول

سوئي گئس جي اڻ اعلانيه لوڊشيڊنگ توڙي پيئڻ جي پاڻي جي شديد بحران سبب ذهني توڙي نفسياتي عذاب ۾ مبتلا

هن سخت گرمي ۾ پيئڻ جي پاڻي، سوئي گئس توڙي بجلي لاءِ سخت پريشان آهن ڏرات جو پڻ سخت گرمي سبب آرام ٻه ڪري نٿا سگهن

ميونسپل ڪميٽي، ضلعي ڪائونسل ٺٽو توڙي ٽائون ڪميٽي مڪلي جي وڏي بجيٽ هجڻ باوجود اهي

عوام کي خاطر خواهه ڪي ٻه بنيادي سهولتون فراهم ڪري ناهن سگهيون، جن جون وڏيون بجيٽون هجڻ باوجود ڪٿي ٿيون

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي شهر توڙي مڪلي جي لڳ ڀڳ 3 لک آبادي هجڻ باوجود اتان جا رهواسي بجلي توڙي سوئي گئس جي اڻ اعلانيه لوڊشيڊنگ توڙي پيئڻ جي پاڻي جي شديد بحران سبب ذهني توڙي نفسياتي عذاب ۾ مبتلا ٿي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

صوبائي صدر ليڊيز ونگ ادي نيامت ابڙو بدين جو هڪ سرپرائز وزٽ ڪيو مختصر تعارفي گڏجاڻي جو اهتمام

حيدرآباد جي جنرل سيڪريٽري نعيم احمد ميمڻ شهزاد قادري صدر ضلع بدين امتياز ميمڻ رافع پٽي ميمبرن شرڪت

هڪ مهيني اندر ڊويزن جو باڊيون مڪمل ڪيو ونديون صوبائي جنرل سيڪريٽري خطاب

عيد کان پوءِ ضلع بدين سميت حيدرآباد ڊويزن جي عهديدارن جي حلف برداري تقريب منعقد ڪري تعارفي گڏجاڻي ڪئي ويندي

بدين (رجب راهمون) هيومن رائٽس فورم آف پاڪستان صوبه سنڌ جي صدر جناب دين محمد ابڙو صاحب ۽ صوبائي صدر ليڊيز ونگ ادي نيامت ابڙو بدين جو هڪ سرپرائز وزٽ ڪيو مختصر تعارفي گڏجاڻي جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

جهرڪ پرسان اونگر واري علائقي ۾ هڪ نوجوان نياڻي جو لاش وڻ ۾ ٽنگيل حالت ۾ مليو

جنهن انداز ۾ لاش وڻ ۾ ٽنگيل مليو آهي، اهو معاملو شڪ کان خالي ناهي ۽ واقعي ۾ ٻيا پهلو پڻ سامهون اچي سگهن ٿا

علائقي واسين مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جهرڪ پرسان اونگر واري علائقي ۾ هڪ نوجوان نياڻي جو لاش وڻ ۾ ٽنگيل حالت ۾ مليو آهي، جنهن بعد علائقي ۾ خوف ۽ ڳڻتي جي لهر ڇانئجي وئي آهي.وارثن موجب ابتدائي طور واقعي کي خودڪشي قرار ڏنو پيو وڃي، جڏهن ته مقامي ذريعن ۽ علائقي واسين جو چوڻ آهي ته جنهن انداز ۾ لاش وڻ ۾ ٽنگيل مليو آهي، اهو معاملو شڪ کان خالي ناهي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

بدل دو نظام ”ميمبرشپ ڊرائيو مهم بوسيده ۽ ظالماڻي نظام جي خاتمي جي نويد ثابت ٿيندي: سهيل احمد شارق

ڪرپٽ ۽ غلام حڪمران ملڪي آزادي ۽ خودمختياري کي عالمي استحصالي ادارن جي غلامي ۾ ڏئي ڇڏيو آهي

شهري غربت جي لڪير کان هيٺ انتهائي محرومي ۽ بدحالي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن

ميرپورخاص(رپورٽ: سومار سميجو) جماعت اسلامي سنڌ جي ڊپٽي سيڪريٽري سهيل احمد شارق چيو آهي ته ”بدل دو نظام“ ميمبرشپ ڊرائيو مهم بوسيده ۽ ظالماڻي نظام جي خاتمي جي نويد ثابت ٿيندي. ڪرپٽ ۽ غلام حڪمران ملڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ميرپور ٻرڙو مان اغوا ٿيل برادري جون ٻه معصوم نياڻيون فوري طور تي بازياب ڪرايون وڃن: مير موسيٰ چنا

برادري تي داخل ڪوڙيون ايف آءِ آرون سي-ڪلاس ڪرڻ جو مطالبو چيف سردار احمدعلي چنا سان گڏ آهيون

برادري تي داخل ڪوڙيون ايف آءِ آرون سي-ڪلاس ڪرڻ جو مطالبو چيف سردار احمدعلي چنا سان گڏ آهيون

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ميرپور ٻرڙو واقعو مليرجي چنا برادري پاران نياڻين جي بازيابي ۽ برادري تي داخل ڪوڙيون ايف آءِ آرون سي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

انڊس هاءِ وي تي ون ويلنگ دوران ٻن تيز رفتار موٽرسائيڪلن ۾ زوردار ٽڪر

نتيجي ۾ نوجوان فوت، ٻن زخمي نوجوان جوابدارن خلاف ڪيس داخل

نوجوان تيز رفتار موٽر سائيڪل تي ڪرتب ڏيکاري رهيا هئا

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) گذريل رات بي سيڪشن ٿاڻي جي حد اندر انڊس هاءِ وي تي ون ويلنگ دوران ٻن موٽرسائيڪلن وچ ۾ ٿيل خوفناڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

واپڊا پاران اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف هلايل احتجاجي تحريڪ جو ڊي سي جيڪب آباد نوٽيس

واپڊا عملدارن جي وچ ۾ واپڊا سان لاڳاپيل مسئلن تي پنهنجي آفيس جي ڪانفرنس هال ۾ ميٽنگ طلب

گڏجاڻي ۾ شهرين پاران 13 نڪتن تي مشتمل مسئلن جي چارٽر تي انتظاميا کي تفصيلي بريفنگ ڏني

جيڪب آباد (رپورٽر) واپڊا پاران اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو پاران هلايل احتجاجي تحريڪ جو ڊي سي جيڪب آباد ش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

استادن جي نمائنده تنظيم گسٽا تعلقه مٽياري جي النوح پينل جا اميدوار ٽن سالن لاءِ چونڊن ۾ بنا مقابلي ڪامياب

استاد برادري پاران سموري پينل کي مبارڪون ۽ اجرڪن ۽ لونگين جا تحفا پيش ڪيا

اوڏيرولال اسٽيشن (رپورٽ ثاقب نور ساهووال) استادن جي نمائنده تنظيم گسٽا تعلقه مٽياري جي النوح پينل جا اميدوار ٽن سالن لاءِ چونڊن ۾ بنا /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

حورالنساءِ پليجو سنڌي عورتن لاءِ اتساهه ۽ جدوجهد جي علامت آهي: عمره سمون

ملڪ ۾ هينئر نام نهاد جمهوريت آهي. پاڪستان کي غير جمهوري قوتن حوالي ڪيو ويو آهي

ملڪ جي مظلوم قومن جا وسيلا ۽ ملڪيت قبائڻ لاءِ قانونسازي ٿي رهي آهي

جنگشاهي (رپورٽر ذوالفقار علي) جنگشاهي سنڌياڻي تحريڪ جي باني اڳواڻ، عوامي تحريڪ جي اڳوڻي مرڪزي صدر، عوامي تحري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ميهڙ ۾ پوليس جي ڪارروائي، ٽن پوليس اهلڪارن جي شهادت واري ڪيس ۾ گهربل جوابدار گرفتار

ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي جي هدايتن تي دادو پوليس ڏوهاري عنصرن خلاف سرگرم

روڊ سهاڳ واهه پرسان مقابلي بعد هڪ انتهائي گهربل جوابدار کي هٿيار سميت گرفتار ڪري ورتو

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه)دادو: ميهڙ ۾ پوليس جي ڪارروائي، ٽن پوليس اهلڪارن جي شهادت واري ڪيس ۾ گهربل جوابدار گرفتار. سرڪار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

گسٽا تعلقي شاهبندر جون چونڊون ٿي گذريون

يڪائي پينل جا سمورا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا. مخالفت ۾ ڪو به پينل نه آيو

گسٽا تعلقي شاهه بندر جي اميدوارن کي وڏي تعداد ۾ استادن گڏ ٿي اجرڪون اوڍائي ڪين مبارڪون پيش ڪيون

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني) گسٽا تعلقي شاهبندر جون چونڊون ٿي گذريون يڪائي پينل جا سمورا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا. مخالف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

غريب ماڻهن ۾ سولر هوم سسٽم جي ورڇ روشن مستقبل ڏانهن هڪ بهترين قدم آهي: حسين شاهه جيلاني

صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ۽ اڳوڻي ايم پي اي پير سيد محمد بچل شاهه جيلاني جا ٿورائتا آهيون

جن تڪ پي ايس 31 ڪنگري ۾ سوين سولر هوم سسٽم فارم تعلقي ڪنگري تنظيم کي ڏنا

احمدپور (رپورٽ سرفرازعلي ميتلو) پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقي ڪنگري جي صدر پير سيد حسين شاهه جيلاني ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان پيپلز/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ريڊيو پاڪستان اسلام آباد جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر انعام علي سومرو جي ڦڦي لاڏاڻو ڪري وئي

انعام علي سومرو جي ڦڦي مرحوم ڊاڪٽر شاهه محمد سومرو جي ڀيڻ رضا الاهي سان انتقال ڪري وئي

جنهن ۾ سياسي، سماجي شخصيتن سميت علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

احمدپور (رپورٽر) احمدپور لڳ ڳوٺ انصاف ڪوٽ جي رهواسي ريڊيو پاڪستان اسلام آباد جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر انعام علي سومرو جي ڦڦي ل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

چندر پت ابلو ڪولهي مبيناطور گهرو اٽيٽ کان دلبرداشته ٿي ڳچيءَ ۾ رسو ٻڌي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيو

واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ٽنڊوغلام حيدر سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو

جتي ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

ٽنڊو غلام حيدر(رپورٽر) :ڏنڊو پرسان اڇي موري جي رهواسي 25 ورهين جي نوجوان چندر پت ابلو ڪولهي مبيناطور گهرو اٽيٽ کان دلبرداشته ٿي ڳچيءَ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

سينيئر صحافي راجا سنڌي جي پٽ خلاف ڪيس، غيرجانبدار جاچ جو مطالبو

معاملي جي غيرجانبداراڻي انڪوائري ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي ته جيئن حقيقتون سامهون اچي

سندس خاندان کي ذاتي دشمني جو نشانو بڻايو پيو وڃي، جنهن سبب هو ۽ سندس گهرڀاتي ذهني پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن

قانون جي بالادستي تي مڪمل يقين رکي ٿو. هن وڌيڪ چيو ته سندس خاندان کي ذاتي دشمني جو نشانو بڻايو پيو وڃي

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص ۾ ويهن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين صحافتي ذميواريون نڀائيندڙ سينيئر صحافي راجا سنڌي گذريل ٽن سالن کان پنهنجي ٻچن جي گذر سفر لاءِ زرعي زمينن تي محنت مزدوري ڪندي 20 ايڪڙ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

صحافی راجا سنڌی کا موقف
ی دشمنی کا نشانہ بنایا جا رہا ہے، جس کی وجہ سے

ڪوٽڙي خدا جي بستي ۾ منشيات جو وڪرو جاري، مقامي رهواسين پاران ڳڻتي ظاهر

ڄامشورو (رپورٽر) ڪوٽڙي خدا جي بستي ڏي ٽري ڪالوني ۾ منشيات خلاف سخت ڳڻتي ظاهر ڪئي پئي وڃي، جتي مقامي ماڻهن موجب بيهر ”آئس“ جهڙي خطرناڪ لعنت جو ڪليل وڪرو شروع ٿي ويو آهي. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته دادا فقير ڳاڏاهي ڪافي عرصي کان آزاد ٿيڻ بعد بيهر منشيات جي ڪاروبار ۾ سرگرم /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

جهڏو ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ خودڪشي جا وڌندڙ واقعا، هڪ ئي ڏينهن ۾ ٻه واقعا، علائقو سوڳوار

جهڏو ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ خودڪشي جي وڌندڙ واقعن سبب شهرين ۾ ڳڻتي جي لهر ڦهلجي وئي

اڄ پيش آيل ٻن افسوسناڪ واقعن سڄي علائقي کي سوڳوار بڻائي ڇڏيو آهي

اهڙن افسوسناڪ واقعن جي روڪٿام لاءِ سنجيده قدم کنيا وڃن ۽ نوجوانن جي ذهني ۽ سماجي مسئلن تي ڌيان ڏنو وڃي

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ خودڪشي جا وڌندڙ واقعا، هڪ ئي ڏينهن ۾ ٻه واقعا، علائقو سوڳوار جهڏو ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ خودڪشي جي وڌندڙ واقعن سبب شهرين ۾ ڳڻتي جي لهر ڦهلجي وئي آهي، جڏهن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

صحافي بشير احمد شيخ جو پاءُ 22 ڏينهن کان گم

پاءُ جي ڳولا دوران صحافي تي قاتلاڻو حملو، اعليٰ اختيارين کان فوري ڪارروائي جو مطالبو

ڳوٺ جو رهواسي سعيد شيخ ولد علي بيگ شيخ سندس پاءُ کي راولپنڊيءَ جي هڪ نجي ڪمپني ۾ نوڪري جو آسرو ڏئي گهران وٺي ويو

ٽري ميرواهه(رپورٽر) صحافي بشير احمد شيخ جو پاءُ 22 ڏينهن کان گم. پاءُ جي ڳولا دوران صحافي تي قاتلاڻو حملو، اعليٰ اختيارين کان فوري ڪارروائي جو مطالبو ٽري ميرواهه رپورٽ: صحافي بشير احمد شيخ پنهنجي ننڍي پاءُ ظهير احمد شيخ جي 22 ڏينهن کان پراسرار گمشدگي خلاف دانهيندي چيو آهي ته ڳوٺ جو رهواسي سعيد شيخ ولد علي بيگ شيخ سندس پاءُ کي راولپنڊ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ڪلوئي ويجهو پوليس ڪارروائي، منشيات سميت جوابدار گرفتار

هڪ منشيات فروش کي گرفتار ڪري سفينا جا ڪٽا ۽ هڪ ڪار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

وڏي مقدار ۾ سفينا هٿ، ڪيس داخل، سماجي حلقن پاران ڪارروايون تيز ڪرڻ جو مطالبو

مٺي:(رپورٽر) ڪلوئي ويجهو ڪنوڙن جي سن ڪرڪيٽ گرائونڊ پرسان سي آءِ اي پوليس ۽ ڪلوئي پوليس گڏيل ڪارروائي ڪندي هڪ مبينا منشيات فروش کي گرفتار ڪري سفينا جا پنج ڪٽا ۽ هڪ آلٽو ڪار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ڪورواهه جي ڳوٺ مستري محمد الرحيم ملاح ۾ 4 ايڪڙ زرعي زمين تان ملاح برادري آمهون سامهون، هڪٻئي تي قبضي جا الزام

ڪورواهه شهرجي ڳوٺ مستري محمد الرحيم ملاح ملان حسن جي رهواسين، عثمان ملاح ولد محمد الرحيم ملاح، گل حسن ولي محمد ۽ ٻين جو احتجاج

اسان تي 4 ايڪڙ زمين تي قبضي ڪرڻ جا ڪوڙا الزام هڻندڙ وڪيو ملاح پنهنجي 4 ايڪڙ زرعي زمين اڳاٽو محمد موسي ملاح کي وڪرو ڪري ڏني آهي

وڌيڪ چار ايڪڙ زرعي زمين جيڪا اسان جي ڳوٺ ۾ اچي ٿي ۽ غير آباد آهي ۽ گهرن لاءِ آثاث طور استعمال ٿئي ٿي

بدين(ڊر) ڪورواهه جي ڳوٺ مستري محمد الرحيم ملاح ۾ 4 ايڪڙ زرعي زمين تان ملاح برادري آمهون سامهون ، هڪٻئي تي قبضي جا الزام. هڪ ڌر طرفان اڳئين ڏينهن ڪيل احتجاج کي ٻي ڌر رد ڪندي دعوا ڪئي آهي ته اها زمين ڳوٺ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ڪورواهه شهرجي ڳوٺ مستري محمد الرحيم ملاح ملان حسن جي رهواسين، عثمان ملاح ولد محمد الرحيم ملاح، گل حسن ولي محمد ۽ ٻين جو احتجاج ڪندي

ميرپورخاص قلهڏيون اسپتال جي مالڪي ڪنڌ آخر ڪٿي آهن؟

اسپتال ۾ ڊاڪٽرن، عملي ۽ دوائن جي ڪوٽ سبب غريب عوام سخت پريشاني جو شڪار بڻيل

مريضن ۽ سندن وارثن موجب بنيادي سهولتن جي اڻهوند سبب علاج لاءِ ايندڙ ماڻهن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو

اسپتال ۾ نه مناسب اسٽاف موجود آهي ۽ نه ئي ضروري دوائون، جنهن ڪري روزانو ايندڙ مريض ذهني اذيت ۾ مبتلا آهن

ميرپورخاص(رپورٽر) ميرپورخاص قلهڏيون اسپتال جي مالڪي ڪنڌ آخر ڪٿي آهن؟ اسپتال ۾ ڊاڪٽرن، عملي ۽ دوائن جي ڪوٽ سبب غريب عوام سخت پريشاني جو شڪار بڻيل آهي. مريضن ۽ سندن وارثن موجب بنيادي سهولتن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

محمد عباس جي شاندار بالنگ، بنگلاديش خلاف تاريخي ڪارنامو انجام ڏئي ڇڏيائين

محمد عباس بنگلاديش خلاف سلهٽ ٽيسٽ جي پهرين اننگز ۾ اڄ ٿي وڪيٽون وٺي 1000 پروفيشنل وڪيٽون مڪمل ڪيون

قومي فاسٽ بالر پنهنجي ڪيريئر دوران 884 فرسٽ ڪلاس، 84 لسٽ اي ۽ 32 ٽي ٽوئنٽي وڪيٽون حاصل ڪيون آهن

محمد عباس پنهنجي بنگلاديشي اوپنرز محمود الحسن جوئي ۽ تنزيد حسن کي پيولين جو رستو ڏيکاريو، ڪپتان نجم الحسن شانتو جي وڪيٽ وٺي هڪ هزار پروفيشنل وڪيٽن جو انگ مڪمل ڪيو

سلهٽ (اسپورٽس نيوز) پاڪستاني فاسٽ بالر محمد عباس پروفيشنل ڪرڪيٽ ۾ هڪ هزار وڪيٽون مڪمل ڪري ورتيون آهن. محمد عباس بنگلاديش خلاف سلهٽ ٽيسٽ جي پهرين اننگز ۾ اڄ ٽي وڪيٽون وٺي 1000 پروفيشنل وڪيٽون مڪمل ڪيون. /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

سلهٽ ٽيسٽ: لٽن داس جي سينچري، شاهينن اڏو بنگالي ٽائيگرز پهرين اننگز ۾ 278 رنسن تي ڍير

سلهٽ (اسپورٽس نيوز) بي ٽيسٽ جي پهرين اننگز ۾ بنگلاديش جي پوري ٽيم 278 رنسن تي آئوٽ ٿي وئي، پاڪستان پهرئين ڏينهن راند جي پڄاڻي تائين بنا ڪنهن نقصان جي 21 رنسون ناهي ورتيون. سلهٽ ۾ کيڏي ويندڙ بي ٽيسٽ ميچ ۾ قومي ٽيم جي ڪپتان شان مسعود ٽاس کٽي پهريان بنگلاديش کي بيٽنگ جي دعوت ڏني. بنگلاديش طرفان محمود الحسن /ڏسو صفحو 3بقايا نمبر28

وليمسن انڊر 19 کان دوست آ، ميڊيا جي ڳالهين ٽوڙي مروڙي پيش ڪرڻ واري عمل تي پُچان لڳندي آهي: ڪوهلي

ويرات ڪوهلي ميڊيا جي هائپ ۽ ڪئميرامين جي هر وقت موجودگي تي پنهنجي بيزاري جو اظهار ڪيو

جيڪڏهن ميڊيا وارن کي اسان ٻنهي گڏ نظر اچي وياسين ته پوءِ عجيب، عجيب سرخيون نهڻ لڳنديون آهن

نئين دهلي (اسپورٽس نيوز) ڀارتي ڪرڪيٽ ٽيم جي اڳوڻي ڪپتان ويرات ڪوهلي ميڊيا جي هائپ ۽ ڪئميرامين جي هر وقت موجودگي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

پي سي بي چيئرمين محسن نقوي کي آءِ پي ايل فائنل ڏسڻ جي دعوت ملي وئي

پي سي بي چيئرمين محسن نقوي کي آءِ پي ايل فائنل ڏسڻ جو دعوت نامو مليو آهي ۽ محسن نقوي اهو دعوت نامو وزيراعظم شهباز شريف ڏانهن اماڻي رهيو آهي

ڪرڪيٽ ويب سائيٽ موجب، انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ڪائونسل (آءِ سي سي) جا اجلاس هلندڙ مهيني ٻن مرحلن ۾ ٿيندا

لاهور (اسپورٽس نيوز) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ (پي سي بي) جي چيئرمين محسن نقوي کي آءِ پي ايل (انڊين پريميئر ليگ) فائنل جي دعوت ملي وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پي سي بي چيئرمين محسن نقوي کي آءِ پي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30